# بولي ڪبي نہ پي

(شاعري)

مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘

طالب المولىٰ اڪيڊمي
2022ع



[ڪتاب جا حق واسطا طالب المولىٰ اڪيڊميءَ وٽ محفو]

چاپو پهريون سيپٽمبر 1995ع تعداد هڪ هزار
چاپو ٻيو مارچ 2022ع تعداد هڪ هزار

ملهہ: رپيا

طالب المولىٰ اڪيڊمي
مخدوم هائوس
هالا P.O

# فهرست


اڪيڊمي پاران — مخدوم جميل الزمان

پنهنجي پاران — مخدوم سعيدالزمان 'عاطف'

**ڪافيون**

1. هَلي آ سڄڻ هٿ ڪريون ڪي رهاڻيون
2. تنهنجي جلون ئي بڻايو آ مون کي ديوانو
3. اڄ قرب ڪري مننار منا
4. دلدار تون ئي آهين غمخوار تون ئي آهين

**قطعا**

5. اي خدا تنهنجي خدائيءَ ۾ ڏسي ظلم و ستم
6. اي دلِ بيقرار غم ڪهڙو
7. ذڪر تنهنجو زبان تي آ هر پل
8. سڄڻ اهلِ جهان مون کان
9. ديوانگي سان عمر نڀائڻ ۾ مزو آ
10. هلي آئي مون وٽ غمي رئندي رئندي
11. اڄ تہ ٻي انتها پيار ڪريون
12. ڪير سمجهائي منهنجي جانيءَ کي
13. پنهنجا لب توکان چمائڻ تو گهران
14. مري ويندس، قسم تنهنجو سڄڻ تو بن مري ويندس

**غزل**

15. توکان سواءِ نہ رهبو زنده ڪڏهن بہ منڙا
16. سلامت رهي دوستي تنهنجي منهنجي





17. توکي ڇڏي مان ويندس ڪيڏهن ٻڌاءِ سهڻا
18. وعدو آ منهنجو توسان تنهنجو ئي آئون رهندس
19. توکان دور سڄڻ وينو هي سوچيان
20. اکين ئي اکين ۾ وئين تون پياري
21. هڪ جسم آهيون هڪ جان آهيون
22. خوابن ۽ خيالن ۾ آهين تون صنم سهڻا
23. ڪجھ گهڙين جو آهيان مهمان اي يارو سمجهو
24. سواءِ تنهنجي صنم سهڻا هر خوشي ڪهڙي
25. اڃي مل محب مون سان گڏ رهون ٻئي پارسائي ۾
26. اي ماهه رو سوا تنهنجي جيئڻ ئي ڇڏي ڏنم
27. آرزو ٿم تنهنجي ٻانهن ۾ مرڻ حاصل ٿئي
28. برسات جي هي موسم ۽ تنهن تي هيءَ جدائي
29. عمر ساري توسان گذري هي ضروري آهي
30. سندم اکڙين ۾ هو معمور تي ويو
31. غمِ دوري سهي ڪلبو ئي رهبو
32. هر طرف تو سوا رڳو غم آهہ
33. دلبر الڳ نہ ٿي تون مون سان نظر ملاءِ
34. سڄڻ کي چيو مون محبت محبت
35. سندم دوستي تون سندم بندگي تون
36. اي صنم پيار جي ڪا ڪر تون نظر
37. اي صنم تون ئي سندم تحرير ۾
38. سڄڻ رک تون يقين پنهنجا ڪيل وعدا نڀائيندس
39. صنم تنهنجو اڄڻ مشڪل
40. تون ماهتاب آهين تون گل گلاب آهين

41. اي غيرتِ آهو ڪڻ ڪا نظر اچ مون ڪي وري مخمور ڪجي
42. هزار درد سهي پو بہ تو سان پيار ڪندس
43. هڪ اجنبي مليو ۽ سندم جانِ جان ٿي ويو
44. جا نہ دل سان ڪجي سا محبت غلط
45. صنم پيو سوچي تہ هو ابتدا ڪري نہ ڪري
46. ڪبي سين سان وفا ڪو وفا ڪري نہ ڪري
47. هن ساري ڪائنات ۾ آهين تون لاجواب
48. تنهنجي اُلفت ۾ اي ماه لقا
49. جو بند وڳي ۾ وجهي موڪليو هو تو مون ڪي
50. مون تہ سجده گاه آهي تنهنجي سنگِ در ڪيو
51. تون ئي آهين جانِ جان ۽ تون ايمانِ سعيد
52. اگر تون نہ هوندين نظارا نہ هوندا
53. تنهنجون پياريون اکيون سونهن واريون اکيون
54. هن مہ جبين جي آهي منٺي گفتگو غضب
55. هئس طالب مان جنهنجو سو ڏنم مطلوب محمل ۾
56. جهان وارا چون ٿا چا اسان کي سڀ خبر آهي
57. توکي پنهنجي مون آرزو سمجهيو
58. چوڻ سولو ڪرڻ مشڪل
59. خدا بدنظر کان بچائي اوهان کي
60. تون هجين اي دلربا گلزار ويرانا هجن
61. توسان وابستہ زندگي منهنجي
62. سڄڻ ئي سندم شان ۽ مان آهي
63. عاشقن محبوب کي آندو ستارن جي قريب
64. سڄڻ توبن اداسي آهيان تون دردن جي دوا ٿي اچ



65. ياد تنهنجي سندم عبادت آه
66. يار جي جلون جياريون عشق وارن جون اکيون
67. تنهنجي ٻانهن ۾ اچي آئون ٿيان ٿو مدهوش
68. ٻانهن ۾ تنهنجي پنهنجي ئي منزل ڪئي اٿئون
69. اي دلربا اچي سيکار تون ئي پيار جو ڍنگ
70. دلدار منا تون ضد ڪي ڇڏ
71. اچ پير پري دلربا مون وٽ پنهنجي اُلفت جو ڪو پرم اچ رک
72. حقيقتن جو ترانو وڄائي ونداسين
73. دل سندم آهي بيقرار اجڪلهہ
74. اگر جانِ جان جي عنايت نہ ٿئي ها.

# اڪيڊميءَ پاران

”ٻولي ڪبي نہ ٻي“ مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ جي شاعريءَ جو ٻيو مجموعو آهي جيڪو طالب الموليٰ اڪيڊميءَ جي طرفان ڇپايو پيو وڃي. هن کان اڳ هن جي شاعريءَ جو ڪتاب ”پاڻ مراديون ڳالهڙيون“ ڇپيو هو تہ ان سنڌ جي علمي توڙي ادبي حلقن ۾ وڏي مڃتا حاصل ڪئي هئي. سندس شاعري ۾ تخيل ۽ تصور جو منفرد انداز ۽ اسلوب سمايل آهي. هونءَ تہ مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ گيت، ڪافي، فرد، متزاد ۽ غزل لکندو رهي ٿو، ليڪن غزل جي صنف ۾ زياده دلچسپي رکندڙ آهي. اردو شاعري ۾ بہ طبع آزمائي ڪئي اٿس. طالب الموليٰ اڪيڊمي سندس ڪاوشن کي منظرعام تي آڻڻ ۾ خوشي محسوس ڪري ٿي ۽ ساڳي وقت انهيءَ عزم تي قائم آهي تہ هن کان پوءِ بہ سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ اهڙين ڪاوشن کي جاري رکيو ويندو.

**مخدوم جميل الزمان**
**چيئرمين**
**طالب الموليٰ اڪيڊمي**



# پنهنجي پاران

آئون چوڏهين آڪٽوبر اوڻيهہ سؤ ٻاهٺ مطابق چوڏهين جمادي الاول تيرهن سؤ ٻياسي هجري بروز آچر هالا نوان ۾ تولد ٿيس. والد صاحب قبلہ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن سندن چاچي مولوي مخدوم غلام حيدر جن جا نالا ”غلام حيدر“ ۽ ”محمد سعيد“ مون تي رکيا. ”محمد سعيد“ جي نسبت سان مون تي ”سعيدالزمان“ نالو پڻ رکيو ويو، جيڪو هاڻي منهنجي سڃاڻپ آهي.

شروع ۾ مون ”سعيد“ تخلص طور استعمال ڪيو ۽ بعد ۾ والد صاحب جن ”عاطف“ تخلص ڏنو، جيڪو اڄ تائين قائم آهي. شاعريءَ ۾ والد صاحب قبلہ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن منهنجا استاد آهن. مون پهريون غزل تاريخ پهرين ڊسمبر اوڻيهہ سؤ اسي تي لکيو ۽ ادا خليق الزمان جن کي ڏيکاريو جن ڪجهہ رهنمائي ڪئي. ان بعد اهو غزل ۽ ٻيو سمورو ڪلام والد صاحب جن کان اصلاح ڪرائيندو رهيس. منهنجي شاعريءَ جو پهريون مجموعو ”پاڻ مراديون ڳالهڙيون“ مئي اوڻيهہ سؤ اٺاسي ۾ ذات ڪتابي سلسلي جي طرفان ڇپجي منظرعام تي اچي چڪو آهي. اُن ڪتاب جي لاءِ منهنجي خواهش تي منهنجي دوست سيد احسان علي شاهہ ”احسان“ ولد سيد احسن الهاشمي، بابا سائين جن جي ڪلام مان ڪجهہ نالا چونڊيا، جن مان قبلہ سائين جن مٿيون نالو پهرئين ڪتاب لاءِ پسند فرمايو ۽ ڪجهہ ٻين نالن تي بہ نشان لڳايائون. انهن نالن مان مان ٻئي هڪڙو نالو ”ٻولي ڪبي نہ ٻي“ پنهنجي هن ڪتاب تي رکيو اٿم. هي منهنجو ٻيو مجموعو آهي ۽ اڃا بہ هڪ ڪتاب جيتري شاعري موجود آهي،

غزل منهنجي پسنديده صنف آهي تاهم ڪجهہ ڪافيون، قطعہ، فرد، هڪ رباعي، هڪ مستزاد ۽ هڪ اردو قطعہ پڻ لکيا اٿم.

آخر ۾ آئون سڀ کان پهرين طالب المولىٰ اڪيڊميءَ جو شڪرگذار آهيان، جنهن منهنجي ڪتاب جي اشاعت ۾ مڪمل دلچسپي ورتي ۽ ساڳئي وقت مخدوم جميل الزمان، خادم حسين همدم، نور احمد ميمڻ، رجب علي جليس ۽ رسول بخش ميربحر جو ٿورائتو آهيان، جن ڇپائيءَ جي مختلف مرحلن ۾ تعاون ڪيو.

پنهنجي واحد اردو قطعہ تي اختتام ڪريان ٿو:

میں کروں کیا اِن آنکھوں کا اے جانِ من
اِن کو تم بِن کوئی شکل بھاتی نہیں
بازوؤں میں تجھے رکھ لوں حسرت ہے یہ
جانتی ہو مگر پھر بھی آتی نہیں۔

**مخدوم محمد سعيد الزمان ’عاطف‘**

**5 مئي 1995ع**
**هالا**





**ڪتاب جو سرجيندڙ**

# كافيون

*

هَلي آ سڄڻ هٿ ڪريون ڪي رهاڻيون،
مِلي هڪ ٻئي سان جوانيءَ ڪي ماڻيون
جدائيءَ ۾ چالءِ جواني وڃايون،
رهي هڪ ٻئي وٽ قسم سڀ نڀايون،
ڀلي دنيا وارا بنائن ڪهاڻيون.
سندم دل ۾ آهي رڳو تنهجي مورت،
اکين ۾ رهي ٿي فقط تنهجي صورت،
وڻين ٿو تون مون کي ڪپن ڪونہ راڻيون.
ڪڏهن مون سان ملندين ڪري قرب پيارا،
رڳو ياد آهين تون دلبر دلارا،
ڏسن تنهجا رستا ٿيون اکڙيون نماڻيون.
سوا تو کان سهڻا ڀلا زندگي ڇا،
غمن جي پنيان غم وئي هر خوشي آ،
ڪَئين راتيون جانب سوا تو وهاڻيون.
جُدا مون کان دلبر رهي ڪونہ سگهندين،
اڪيلو سڄڻ تون بہ جي ڪونہ سگهندين،
جيئڻ لاءِ جاني ٿا هڪ ٻئي کي تاڻيون.
وڻين دل کي تو تون نہ ٿيندين بہ منهنجو،
يقين رک اي دلبر هي **'عاطف'** آ تنهنجو،
نہ پوءِ ڇو ٻين جون ڪڍون يار ڪاڻيون.

**۲-۵-۱۹۸۱**
**هالا**



*

تنهجي جلون ئي بنايو آ مون کي ديوانو،
تنهجي ئي مست نگاهُن آ ڪيو مستانو.
هر گهڙي تنهجي تصّور ۾ رهان گم تو مان،
تو الاهجي ڪيو آهي مون تي ڪهڙو جادو،
جنهن گهڙي توکي ڏسان ٿو اي صنم پنهجي اڳيان،
تو محبت مان وڏان توڏي ٿيو بي قابو،
فڪر ناهي جو بنايو جهان ڪو افسانو.

*

دل جي هر گوشي ۾ تنهجوئي صنم پيارا اثر،
هر گهڙي چاهيان ٿو تنهجو رڳو ديدار ڪريان،
جي ڪرين حڪم مونکي پيارا پرين هڪ پيرو،
توکي سجدا مان صبح و شام پيو سؤ بار ڪريان،
دل بہ توکي ئي ڏني اٿم صنم نذرانو.

*

تون رهين گڏجي اگر مون سان سدائين سهڻا،
تنهجي خاطر مان زماني کي بہ ٺڪرائي ڇڏيان،
هر قدم تي رڳو توسان ئي مان پيو پيار ڪريان،
توسان گڏجي جيان ۽ توسان ئي گڏجي پيو ڪِلان،
تو سوا دنيا سچي آهي سڄڻ ويرانو.

*

تون آهين منهنجو تہ ٻہ دور مون کان ڇو آهين،
پيار ۾ پيارا پرين هيڏي جدائي ڇالءِ،
تون آهين دور تہ سڀ خوشيون مون کان دور آهن،
سوچيان پيو تہ خدا خلقي خدائي ڇالءِ،
مسڪرائڻ کان بہ ٿيندو پيو وڃان بيگانو.

*

حُسن وارا تہ هزارين ئي ڏٺم دنيا ۾،
پر ڏٺم توکي تہ وسري وئي دنيا ئي سڄي،
ان گهڙيءَ کان وٺي تنهنجو ٿو چريو چورايان،
جنهن گهڙي مليو هئين مون سان سڄڻ مرڪي اچي.
آهي **'عاطف'** تہ تڏهن کان ئي سندءِ پروانو.

**هالا**
**۳۰-۵-۱۹۸۱**



*

اڄ قرب ڪري منٺار مٺا،
منهنجي دل جا او دلدار مٺا.
آهي توسان سڄڻ منهنجي هرڪا خوشي،
تنهنجي چاهت ئي دل آهي ڪُٺي،
تو سان ئي جهان ۾ دل آ لڳي،
اڄ پُورا ڪريون اقرار مٺا.
اڄ مهر ڪري اي ماهه لقا،
تولءِ ڦٿڪان پيو مان صبح و مسا،
جي سگهندس ڪونہ مان توکان سوا،
ڇڏ هوڏ، نہ ڪر انڪار مٺا.
هن دنيا سان پنهنجو ڇا هي،
پيو لوڪ پلي ڳالهيون ٺاهي،
ڪنهنجي بہ سڄڻ پروا ناهي،
اڄ گڏجي ڪريون ڪي پيار مٺا.
تنهنجي هجر ۾ هيٺو حال اٿم،
پيو رستا ڏسان تنهنجا هر دم،
تون ايندين ڪڏهن اي منهنجا صنم،
تو بن آهن آزار، مٺا.
چاهيان ٿو تہ گڏجي توسان جيان،
جي نہ تہ تنهنجي ٻانهن ۾ مران،
تو بن هڪ پل بہ نہ ساهہ کڻان،
**'عاطف'** ڪي رکو تنهنجي سار مٺا.

**هالا**
**۳۰-۶-۱۹۸۱**
**مطابق ۲۷-۸-۱۴۰۱ھ**

*

دلدار تون ئي آهين غمخوار تون ئي آهين،
منهنجو اي سهڻا سائين سينگار تون ئي آهين.

افضل جهان ۾ سڀ کان موليٰ جي ذات آهي،
توکان وڌيڪ پيارو دنيا ۾ ڪوبہ ناهي،
محبوب مٺڙا منهنجو سردار تون ئي آهين.

توکان اڳي اي سهڻا حيوان چرڻ هئس مان،
توسان نظر ملي پو انسان ٿي ويس مان،
منهنجي تہ شخصيت جو معمار تون ئي آهين.

اي يار تون نہ ڇڏجان توبن مان جي نہ سگهندس،
پل آزمائي ڏس تون آئون رهي نہ سگهندس،
دنيا سان ڪجهہ نہ منهنجو سنسار تون ئي آهين.

هيَ ڳالهہ آهي ظاهر ٿم توسان آشنائي،
ايندس سدائين تو ڏي پل پئي سڙي خدائي،
دنيا جي ڪهڙي پروا، آڌار تون ئي آهين.

هن ڪائنات سان ڇا منهنجو اي يار پيارا،
چاهيان ٿو پيار هردم تنهنجو اي يار پيارا،
’**عاطف**‘ جي جان، دنيا، جنسار تون ئي آهين.

---

**هالا**

**۳۰-۷-۱۹۸۱**

**مطابق ۲۷-۹-۱۴۰۱ھ**

# قطعا

❊

اي خدا تنهنجي خدائيءَ ۾ ڏسي ظلم و ستم،
آسري تنهنجي تي ويٺل ڪُل جهان روئي ڏنو،
قوم جي معمار جي ڦاسيءَ تي انسانن تہ ڇا،
تنهنجي حڪمن تي ٽهيل هن آسمان روئي ڏنو.

هالا
۱۹۸۱-۱۱-۳۰
مطابق ۲-۲-۱۴۰۲ھ

اي دل بيقرار غم ڪهڙو،
هي جهان جو رهيو اصول آهي،
پيار وارن جا سڀ ٿين دشمن،
هي تہ الله جو نزول آهي.

هالا
۱۹۸۱-۱۱-۳۰
مطابق ۲-۲-۱۴۰۲ھ

ذڪر تنهنجو زبان تي آ هر پل،
تو سان بي لوث ٿم محبت ڪئي،
فڪر چالءِ جهان جو آئون ڪريان،
مون اصولن سان آ بغاوت ڪئي.

هالا
۱۹۸۱-۱۲-۴
مطابق ٦-۲-۱۴۰۲ھ



❊

سچڻ اهلِ جهان مون ڪان،
پڇن ٿا ڪهڙو حال آهي،
ٻڌايان ڇا انهن کي مان،
جيئڻ تو بن محال آهي.

هالا
۱۹۸۱-۱۲-۴
مطابق ٦-۲-۱۴۰۲ھ

ديوانگي سان عمر نيائڻ ۾ مَزو آ،
هر سُور کي دنيا ڪان لڪائڻ ۾ مَزو آ،
خود يار اچي پائي وڏي پيار مان ڀاڪر،
لب هن جي لبن سان ملائڻ ۾ مزو آ.

ڪراچي
۱۹۸۲-۱-۲۵
مطابق ۲۸-۲-۱۴۰۲ھ

هلي آئي مون وٽ غمي رئندي رئندي،
وئي موڪلائي خوشي رئندي رئندي،
غمِ دوري آيو رهڻ مستقل هت،
ٿي ناشاد هيءَ زندگي رئندي رئندي.

هالا
۱۹۸۲-۳-۱۹
مطابق ۲۳-۲-۱۴۰۲ھ

اڄ تہ بي انتها پيار ڪريون،
ساري دنيا کي شرمسار ڪريون،
لب لبن ساڻ همڪنار ڪري،
پئدا دنيا اندر خمار ڪريون.

**هالا**
**١٩٨٢-٣-١٩**
**مطابق ٢٣-٥-١٤٠٢ھ**

ڪير سمجهائي منهنجي جانيءَ کي،
تو بنان زندگي نٿي گذري،
ڪل جهان جي خفي ۾ هوندي پڻ،
ياد تنهنجي ڪڏهن نٿي وسري،
آرزو وقت ڪان وٺي آهي،
تنهنجي ٻانهن ۾ دم سندم نڪري.

**٨٣-١٩٨٢ع**

پنهنجا لب توکان چمائڻ ٿو گهران،
شدتِ غم کي مٽائڻ ٿو گهران،
تنهنجي قدمن ۾ رکي سر اي صنم،
پنهنجي قسمت کي بنائڻ ٿو گهران،
پنهنجي ٻانهن ۾ ڪري قابو مٺا،
بارها توکي ستائڻ ٿو گهران.

**٨٣-١٩٨٢ع**



❊

مري ويندس، قسم تنهنجو سڄڻ تو بن مري ويندس،
اگر ويندس هليو اي جان تہ واپس ڪونہ ڪو ايندس.

**ڪراچي**
**٣-٨-١٤٠٢ھ**
**٢٧-٥-١٩٨٢ع**

# غزل

*

توڪان سوا نہ رهبو زنده ڪڏهن بہ مٺڙا،
ويندس مري اگر تو ڇڏيو جڏهن بہ مٺڙا.

تو ڏي قدم وڌيو آ تو ڏي ئي وڌندو رهندو،
تو ڪان ڦري نہ ٻي ڏي ويندو ڪڏهن بہ مٺڙا.

هر ڪنهن کي هيءَ خبر آ تنهنجو ئي آهيان مان،
ايندس اگر سڏيو تو مون کي جڏهن بہ مٺڙا.

چاهين ٿا سڀئي توڪان پري رهان مان،
انهن جي ڪونہ ٻڌندس آئون ڪڏهن بہ مٺڙا.

تو لاءِ زنده آهيان تنهنجو ئي ٿو چوايان،
تون ئي ذهن ۾ آهين سوچيان جڏهن بہ مٺڙا.

تو ڏي اچڻ کان مون کي روڪين ٿا سڀئي،
وڌندو رهي ٿو '**عاطف**' توڏي تڏهن بہ مِٺڙا.

**هالا**
**١٩٨١-٣-٢٠**



*

سلامت رهي دوستي تنهنجي منهنجي،
محبت رهي دائمي تنهنجي منهنجي.

آهيون هڪ ٻئي جا رهون گڏ سدائين،
انهيءَ ۾ آهي خوشي تنهنجي منهنجي.

ڏسي هڪ ٻئي کي اچيو هڪ ٿيون ٿا،
عجب آهي هيءَ بيخودي تنهنجي منهنجي.

سوا هڪ ٻئي جي نہ پوشاڪ پايون،
لڳي ٿي سٺي سادگي تنهنجي منهنجي.

دعائون گهران پيو رهون گڏ سدائين،
۽ گذري سٺي زندگي تنهنجي منهنجي.

مان شاعر آهيان، تون سراپا غزل ٿئين،
وڻي ٿي مون کي شاعري تنهنجي منهنجي.

اچي هڪ ٻئي کي گلي ٿا لڳايون،
جدا جڳ کان آ بندگي تنهنجي منهنجي.

سدا رهجان گڏ تون سڄڻ آهين '**عاطف**'،
نہ ڪنهن ساڻ آ دشمني تنهنجي منهنجي.

**هالا**
**١٩٨١-٣-٢٠**

*

توکي ڇڏي مان ويندس ڪيڏهن ٻڌاءِ سهڻا،
ماڻهو ڏين ڀلي ڀيا مون کي سدائين مهڻا.

توکي جڏهن ڏٺو مون قابو ڪيائون مون کي،
آهن الڳ سين ڪان تنهجا هي نيڻ کهڻا.

اڄ ڪان نہ ڀرين ٿيا جي اڄ ڪان نہ پوءِ ٿيندا،
مون کي ۽ توکي آهن سي پيار گڏجي ڪرڻا.

ڪيڏو وڻين ٿو مون کي لفظن ۾ ڇا ٻڌايان،
هن ڪائنات ۾ ڪو توکان مٿي نہ سهڻا.

مون سان ملي اي مٺڙا پيو ناز نخرا ڪر تون،
مون کي ٿي پيارا آهن سڀ تنهجا انگ ڪٽڻا.

انگ انگ کي تنهجي آهي اکڙين سان مون چميو پر،
’**عاطف**‘ کي يار آهن چيڙن سان پير چمڻا.

هالا
۱۹۸۱-۳-۲۰



*

وعدو آ منهنجو توسان تنهنجو ئي آئون رهندس،
توکان سوا اي مٺڙا ٻي ڪنهن ڏي ڪونہ وڃندس.

تنهنجو ئي آهيان مان ۽ تنهنجو سهڻا رهندس،
دنيا ڀلي سڙي مان هر هر هي ڳالهہ چوندس.

مون زندگي سموري تنهنجي ڪئي آ نالي،
تنهنجي ئي پاران پيارا دنيا جا درد سهندس.

دنيا سان رشتو ٽوڙي توڏي ئي پيو وڌان مان،
دنيا چوي ٿي جيڪو ان جي مان ڪونہ ٻڌندس.

تون ڇو چوين ٿو مون کي توکي ڇڏي ڏيان مان،
سمجهايان ڪيئن مان توکي تو بن مان جي نہ سگهندس.

همراز تون ئي آهين همدم بہ تون ئي آهين،
هي فيصلو آ پڪو تو سان ئي گڏ مان جيئندس.

تون ئي سندم محبت تون ئي سندم عبادت،
تنهنجا قدم چمڻ لءِ تنهنجي اڳيان مان جهڪندس.

’عاطف‘ کي ياد تنهنجي جنهن ڏينهن ڪانہ ايندي،
ان وقت جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي آئون مرندس.

ڪراچي
۱۹۸۱-۳-۲۹

*

توکان دور سڄڻ ويئو هي سوچيان، تو بن مان اڪيلو ڪيئن جيان،
هرهڪ پل ۾ ٿو سڙان ۽ مران، تو بن مان اڪيلو ڪيئن جيان.

چنڊ، سج ۽ تارن ۾ پڻ تون، هر طرف نظارن ۾ پڻ تون،
جيڏهن ٿو ڏسان توکي ٿو ڏسان، تو بن مان اڪيلو ڪيئن جيان.

هن دنيا ۾ سَوَ سهڻا مگر، تو جهڙي نہ ڪنهجي آهي نظر،
تون دور آهين هائي ڇا ڪريان، تو بن مان اڪيلو ڪيئن جيان.

مون سان نظر ملائي منهنجا مٺا، دلڙي وئين ڪٺي اي ماهِ لقا،
هي ڳالهہ سوا تو ڪنهن کي چوان، تو بن مان اڪيلو ڪيئن جيان.

محبوب هلي اچ قربَ ڪري، تو بن منهنجو ٿيو دم نڪري،
اچ مون ڏي تون يا آئون اچان، تو بن مان اڪيلو ڪيئن جيان.

هڪ پل بہ سوا تو قيامت آ، هر پل ۾ رڳو تو لءِ ڦٿڪان،
تنهجي يار جدائي ڪيئن سهان، تو بن مان اڪيلو ڪيئن جيان.

هونءَ آهن هت سڀ پنهنجا مگر، سوا تنهجي نہ دل ڪنهن سان ٿي لڳي،
تنهجي ياد ۾ سهڻا پيو ڦٿڪان، تو بن مان اڪيلو ڪيئن جيان.

تنهجي ياد ۾ گم هر وقت آهيان، خوابن ۾ رڳو توکي ٿو ڏسان،
۽ دل تي سهان ٿو زخم نوان، تو بن مان اڪيلو ڪيئن جيان.



اڪثر خاموش رهان ٿو مان، جيئن پٿر جو ڪو بت آهيان،
نڪو روئڻ اچي ۽ نڪو ٿو کِلان، تو بن مان اڪيلو ڪيئن جيان.

مون تنهجي پوڇا ڪئي آ سدا، ڪيئن آئون رهان ير تو کان سوا،
مان آهيان بدن تون منهنجي جان، تو بن مان اڪيلو ڪيئن جيان.

تون 'عاطف' آهين يار مٺا، ڇا لاءِ آهين پو دور پلا،
سوا توکان سڄڻ ڪيڏهن مان وڃان، تو بن مان اڪيلو ڪيئن جيان.

**ڪراچي**
**٢-٤-١٩٨١**

*

اکين ئي اکين ۾ وئين تون پياري، محبت سان مون کي ڇڏيئي يار ماري،
سنڌءِ مست سهڻا صبح و سانجهي تنهنجون، پيو واٽون نهاري ٿو توکي ئي ساري.

سنڌءِ ديد کي مان ٿو سمجهان عبادت، فقط تنهنجي جاني اٿم ياد صورت،
رهون گڏ سدائين اها ئي آ حسرت، نہ ڇڏجان اي پيارا تون مون کي وساري.

سوا توکان ساجن سڪون دل کي ناهي، رڳو يار آهي سنڌءِ ياد هر دم،
رهين ٿو پري تون الائي ڇو مون کان، سندم دل تہ تون ئي ويو آهين ڏٽاري.

خيالن ۾ آهين ۽ خوابن ۾ آهين، سندم دل جي ڌڙڪن ۾ پڻ تون ئي آهين،
ڏسڻ لاءِ توکي آهن اکڙيون آتيون، ملائي نظر تون وئين ڇا پياري.

سوا توکان ساجن مان آهون ڀريان پيو، نڪو دم ٿو نڪري، نڪوئي رئان ٿو،
اي سهڻا سوا تو کلڻ پڻ ٿيو مشڪل، خبر ناهي ڪهڙي، وئين باهہ ٻاري.

ڪڏهن يار ايندين ڪري مهرباني، وڃي گذرندي پئي ٻنهي جي جواني،
سڄڻ دل ڪري ويو آهين تون ديواني، سنڌءِ مست پيو تنهنجون واٽون نهاري.

سڄڻ دور توکان رڳو غم ئي غم آ، گذارڻ ٿيو مشڪل ۽ اکڙين ۾ دم آ،
سوا توکان پل بہ مشڪل سان گذري، صنم هر گهڙي توکي 'عاطف' پڪاري.

**هالا**
**١٩-٦-١٤٠١ھ**
**٢٥-٤-١٩٨١**



*

هڪ جسم آهيون هڪ جان آهيون، پو ڇو هڪ ٻئي کان دور آهيون،
هڪ ٻئي وٽ ٿا هر وقت رهون، پو ملڻ کان ڇو مجبور آهيون.

سنسار کان ڇا جي لاءِ ڏجون، بي پروا ٿي ٻئي پيار ڪريون،
مان تنهنجو آهيان تو منهنجو آهين، جڳ ساري ۾ مشهور آهيون.

ڇا دولت آ ڇا دنيا آ، ڇا رسمون ۽ ڇا روان آهن،
بس پاڻ ٻئي هڪ ٻئي جا آهيون، هر ريت کان پڻ مفرور آهيون.

پل سڙن پيا هي جهان وارا، پروا ناهي ڪنهن جي بہ سڄڻ،
بس ڪافي آهي اهوئي فقط، هڪ ٻئي کي ٻئي منظور آهيان.

جيسين نہ ڏسون ٿا هڪ ٻئي کي، تيسين باهيون ٿيون اندر ۾ ٻرن،
هڪ ٻئي کي ڏسي ٿيون اکڙيون ٺرن، هڪ ٻئي کي ٻئي منظور آهيان.

ٿا دور رهون تہ اندر ٿو سڙي، جيئن جسم ۾ ڪو آزار پري،
ٿا ويجهو اچون تہ سڪون ٿو ملي، هڪ ٻئي جي دل جو سرور آهيون.

هڪ ٻئي جي تصوّر ۾ آهيون، هڪ ٻئي جي خوابن ۾ آهيون،
نٿا ڪجهہ چاهيون هڪ ٻئي کان سوا، الفت ۾ سڄڻ ڀرپور آهيون.

هڪ ٻئي جا آهيون ٻيئي همدم، هڪ ٻئي ڏي وڌنداسين هردم،
هڪ ٻئي سان رهبو گڏجي صنم، هڪ ٻئي جي نشي ۾ چور آهيون.

هڪ ٻئي جي عشق ۾ گم آهيون، هڪ ٻئي جي اکڙين ۾ ٿا رهون،
اي 'عاطف' هوش نٿا چاهيون، چاهت ۾ مخمور آهيون.

**هالا**
**٨-٥-١٩٨١**

❁

خوابن ۾ خيالن ۾ آهين تون صنم سهڻا،
اکڙين ۾ بہ تون آهين، آهي تنهنجو قسم سهڻا.

ويهاري پنهنجي سامهون ڏسندو ٿو رهان توکي،
۽ توکان سوا مون کي ڪنهن ٻي سان نہ ڪم سهڻا.

هر وقت ۾ ياد آهين شل خوش هجين دم دم تون،
اي پيارا سندم دلبر سڪ تنهنجي اٿم سهڻا.

تون دور مون کان جاني ٿو جيڪي رهين گهڙيون،
سي سپيئي گهڙيون مون سان گڏ رنج و الم سهڻا.

ڀَل مهڻا ملن پيا اڄ ماڻهو بہ شڪايت ڪن،
مون کي ٿو ڪپي هردم تنهنجو ئي ڪرم سهڻا.

دنيا ۾ ڪم آ منهنجو تو سان ٿو ڪريان الفت،
مون کي آ ڏنو مولىٰ تو لاءِ جنم سهڻا.

تنهنجو ٿي جيان پيو مان تنهنجو ٿي رهان پيو مان،
۽ تنهنجو قسم رکندس الفت جو ڀرم سهڻا.

هڪ ٻي جا ٻيئي آهيون پر پو بہ پري آهيون،
ماري ٿو ۽ ڳاري پيو بس هڪ اهو غم سهڻا.

چڏ هوڏ پيارا تون اڄ گڏجي گذاريون ٻئي،
تون گڏجي رهڻ جو ڪرڻ ’**عاطف**‘ سان قدم سهڻا.

هالا

١٩-٨-١٤٠١ھ

٢٢-٦-١٩٨١



❁

ڪجھہ گهڙين جو آهيان مهمان اي يارو سمجهو،
ايڏو مون سان نہ رکو چاھہ اي پيارو سمجهو.

سڀ کو پنهنجي ٿو ڪري ٻي جي ڪا ناهي پروا،
ڪير ڪنهنجو نہ ٿيو آهي سهارو سمجهو.

ٿورڙو وقت توهان جو پو خزان ئي تہ خزان،
ناز ايڏو نہ ڪريو خود تي بهارو سمجهو.

عشق جي سمنڊ ۾ ٿيندو آ رڳو شوقِ وصال،
ڪونہ ملندو آهي ڪنهن کي نہ ڪنارو سمجهو.

چو ٿا چاهيو تہ توهان سان گڏ عاشق جاڳن،
ٿورڙو رهندو اهو ساٿ ستارو، سمجهو.

هو بہ هڪ وقت هو جو ڏاڍو وڻيئو ٿي مون کي،
يارَ ٻِن ڪونہ وڻو ٿا اي نظارو، سمجهو.

جي اچو ٿا تہ سندم يار کي گڏ آڻيو سدا،
هن سوا مون کان رهو دور بهارو، سمجهو.

جيڪو ڪنهن دوست کي ٻي دوست سان ويڙهائيندو،
نيٺ حاصل ٿيندو ان کي بہ جنسار، سمجهو.

سڀ ستم سهندي بہ جانب کي وجي ئي پڇيو،
ملندو هڪ ڏينهن اهو عشق جو وار، سمجهو.

نيٺ ملڻو آهي محبوب سان ’**عاطف**‘ هڪ ڏينهن،
ان سوا ناهي مون کي ڪوبہ پيو چارو، سمجهو.

هالا

٢٢-٨-١٤٠١ھ

٢٥-٦-١٩٨١

❊

سوا تنهنجي صنم سهڻا هر خوشي کهڙي،
مريو مريو پيو جيان هيءَ آ زندگي کهڙي.

ڏسان پي توکي اها ئي سندم عبادت آ،
سواءِ ان جي ڀلا ٻي ڪا بندگي کهڙي.

ڏسان ٿو توکي تہ چاهيان ٿو تو ڏي وڌندو اچان،
تون ئي ٻڌاءِ سڄڻ هيءَ آ بيخودي کهڙي.

سنڌءِ ملڻ بہ گهڙيون پوءِ انتظار ڏکو،
ڀلا ٻڌاءِ سڄڻ هيءَ آ دوستي کهڙي.

اسان تہ دنيا جو ڪجهہ ناهي ڪو قصور ڪيو،
تہ پو جهان جي اسان سان هي دشمني کهڙي.

اندر سڙي ۽ ڳري پيو مگر زبان چپ چو،
اهوئي سمجهان نٿو هيءَ آ خامشي کهڙي.

سڄڻ جي سونهن سان ’**عاطف**‘ جهان روشن آ،
سواءِ هن جي ڀلا ٻي ڪا روشني کهڙي.

**هالا**

**۲۴-۸-۱۴۰۱ھ**

**۲۷-٦-۱۹۸۱**



❊

اڇي مل محب مون سان گڏ رهون ٻئي پارسائيَ ۾،
”گهڻو ئي وقت گذري ويو سڄڻ تنهنجي جدائيَ“ ۾.

رڳو آرام آهي پيو مزو کهڙو سڪيائيَ ۾،
ٿيل آ فيصلو هي عمر گذري سڀ ڏکيائيَ ۾.

گهڻائي ڏينهن گذري ويا رهي چپ ۽ چپائيَ ۾،
مگر هاڻي وڃي ڏسبو مزو چاهي ڏنگائيَ ۾.

سڀن جي لءِ سٺو سوچيو رکيو چاهي برائيَ ۾،
گذاريو عمر جون گهڙيون سڄي جڳ جي ڀلائيَ ۾.

رهو خوش ۽ رهڻ ڏيو خوش ڀلا ڇا دل رنجائيَ ۾،
چڱو ٿي جي رهڻ چاهيو هلو سڀ سان چڱائيَ ۾.

محبت ۾ ٿين ٿا يار جي پٺيان چريا جيڪي،
انهن کان پڇ وڃي آهي مزو کهڙو چريائيَ ۾.

سوا توکان جيئڻ مون لءِ ٿيو آ هاڻي مشڪل تر،
گهٽئي ڏُک ٿم سٺا اي يار تنهنجي آشنائيَ ۾.

ڇڏي ڏي هوڏ ڪي دلبر گذاريون زندگي گڏجي،
ملي ماڻيون محبت ڪي مزو آ هيڪڙائيَ ۾.

هجي دلبر جي نہ تہ آهي گهٽي بهتر هي تنهائي،
اڪيلائيَ ۾ جو آهي مزو ناهي گهٽائيَ ۾.

ڪٻي تعريف دلبر جو اهو آهي انهيَ قابل،
ٿياسين خود غلام ان جا تہ پو چا خود ثنائيَ ۾.

مٺا تون آهين مون ۾ جدا مون کان ڪڏهن ناهين،
اهو سوچي گذاريو ٿم سراسر خود ستائيَ ۾.

گهٽئي دل ۾ اٿم ڳالهيون ملي جي وقت پو سوچي،
ڪٻي هڪ هڪ ڪري هر ڳالهہ توسان واندڪائيَ ۾.

جهان ۾ جيئن خدا هڪڙو اونهين منهنجو صنم هڪڙو،
سوا هن جي نہ پيو ڪو ٿيو نہ ٿيندو ڪل خدائيَ ۾.

محبت جو آهيان مجرم ڪريان اقرار ٿو '**عاطف**'،
ڪندي مشڪل جيئڻ دنيا مگر جي بو سچائيَ ۾.

هالا
٩-٩-١٤٠١ھ
١٢-٧-١٩٨١



*

اي ماهِہ رو سوا تنهنجي جيئڻ ئي ڇڏي ڏنم،
اي گلبدن ڪلڻ ۽ روئڻ ئي ڇڏي ڏنم.

تنهنجا قدم چمڻ جي ڪري تو اڳيان جهڪيس،
غيرن جي سامهون يار جهڪڻ ئي ڇڏي ڏنم.

ڪو وقت هو جو مينهن ۾ گڏ ٿي پسيا سون ٻئي،
تو کان سواءِ يار پسڻ ئي ڇڏي ڏنم.

تو بن قسم خدّا جو تہ ڪجهہ ڪو نہ ٿو وڻي،
ٿي دور تو کان سهٽا ڪلڻ ئي ڇڏي ڏنم.

تون آهين گڏ تہ عيد، جي نہ تہ عيد ئي عذاب،
تنها رهي غمن کان لڪڻ ئي ڇڏي ڏنم.

'**عاطف**' جي جان آهين پو تو بن هو ڪيئن جيئي،
تون وئين تہ پوءِ خوش ٿي رهڻ ئي ڇڏي ڏنم.

هالا
١٢-٩-١٤٠١ھ
١٥-٧-١٩٨١

*

آرزو ٿم تنهجي ٻانهن ۾ مرڻ حاصل ٿئي،
ان سوا ڪيئن ڪو پلا عامل ٿئي ڪامل ٿئي.

مست اکڙيون، لال لب ۽ سرخ رخسارن تي تر،
اهڙو شعلہ رو ڏسي گهائل نہ ڪيئن عاقل ٿئي.

ناخدا تون ئي هجين پو عشق جي درياءَ ۾،
”منهنجي ڪشتيءَ جو پلي گرداب ئي ساحل ٿئي.“

هڪ گهڙي مرڪي نهار اي مہ جبين مونڏي ۽ پو،
”منهنجي ڪشتيءَ جو پلي گرداب ئي ساحل ٿئي.“

تننجي لءِ چا چا ڪيم توکي سچي آهي خبر،
تنهجي هوندي دلربا منهنجو نہ پيو عادل ٿئي.

اي سڄڻ تو سان ئي منهنجي هر خوشي منسوب ٿي،
تون ئي چئہ تو ڪان سوا رنگين ڪيئن محفل ٿئي.

غم جڏهن حد ڪان وڌيا لاچار ڪلٹو ئي پيو،
تنهجي رسوائيَ جو ڪارڻ چو سنڌءِ بسمل ٿئي.

دل فقط هڪڙي هئي جا اي صنم توکي ڏنم،
دل ڪي ئي تنهجي طلب پوپي ڏي چو مائل ٿئي.

تون نظر ۾ تون اندر ۾ تون ئي منهنجي فڪر ۾،
تون ئي قسمت آهين **’عاطف‘** تو ڪان ڪيئن غافل ٿئي.

**ڪراچي**
**٢٠-٩-١٤٠١ھ**
**٢٢-٧-١٩٨١**



*

برسات جي هي موسم ۽ تنهن تي هيءَ جدائي،
مون ڪان سواءِ ساجن خوش آ سچي خدائي.

ڪيئن ڏک گهٽيئي آهون، دردن سان پُر هي دانهون،
يادِن جي اڄ گهٽائي برسات سارڻ آئي.

تو ڪان پري ٿيس پو مون کي پتو پيو هي،
سڪرات جو پيو نالو آهي سڄڻ جدائي.

اي جان پنهنجون ڳالهيون ڪنهن ڪان ڳجهيون نہ آهن،
دنيا کي هيَ خبر آ ٿم توسان آشنائي.

الله ڪان پو تون ئي آهين خدا مجازي،
دلبر هي دل بہ آهي مون تو اڳيان جهڪائي.

آئون ۽ تون جهان ۾ مشهور ٿي وياسين،
ڪنهنجو بہ ڊپ نہ آهي ٿيندي سيئي سٹائي.

اڄ محب مسڪرائي بي پروا پيار ڪريون،
الزام ڪيئي لڳندا جو پارڻ لئون لڳائي.

مان آهيان جسم جانب، تون منهنجي جان آهين،
تو ڪان سواءِ گذري هيَ عمر چو اجائي.

تو ڪان پري ٿي سهڻا مهجور ٿي ويس مان،
زخمن، ڏکن سان ڀريل دنيا اٿم بنائي.

همت ڪري اي گل رخ هي فاصلا مِٽايون،
دنيا نئين بنايون صحبت ٿئي سَجائي.

آهين سعيد سهڻا **’عاطف‘** تي مهر ڪر ڪا،
ڪريون پو قرب ڪيئي ماري ٿي هيڪلائي.

**هالا**
**٢١-٩-١٤٠١ھ**
**٢٤-٧-١٩٨١**



❊

عمر ساري تو سان گذري هي ضروري آهي،
ساهہ ٻانهُن ۾ ئي نڪري هي ضروري آهي.

سج لهي تنهنجي ئي زلفن ۾ وري پيو نئون سج،
تنهنجي ٻانهُن ۾ ئي اُڀري هي ضروري آهي.

ڏينهن سجو گڏجي پيون، پيار ڪريون، خوش ٿي جيون،
رات ساري تو سان نبري هي ضروري آهي.

جان جيئن هڪڙي آهيون جسم بہ هڪڙو ئي ٿيون،
غم سڄي عمر جو وسري هي ضروري آهي.

وصل جا لمحا تہ هڪ ٻي جي ئي ٻانهُن ۾ رهون،
عشق نئينءَ سنئينءَ وري نسري هي ضروري آهي.

نا خُدا تون هجين پو درد جي دريا مان صنم،
ناؤ منهنجي وڃي اُڪري هي ضروري آهي.

لب لبن تي ئي رهڻ ڏي نہ الڳ ٿي ساقي،
قلب هن مئہ سان ئي اُجري هي ضروري آهي.

مست اکڙين سان پيو پيار تہ تنهنجو **’عاطف‘**،
تنهنجي نظرن سان ئي سڌري هي ضروري آهي.

**هالا**
**٢٢-٩-١٤٠١ھ**
**٢٥-٧-١٩٨١**

*

سندم اکڙين ۾ هو معمور ٿي ويو،
هي قصّو عشق جو مشهور ٿي ويو.

لبن تي لب رکي مسرور ٿي ويو،
ڪري مدهوش خود مخمور ٿي ويو.

هو نرمل نينهن ۾ ڀرپور ٿي ويو،
مئو محبوب رشڪِ طور ٿي ويو.

سندءِ عاشق سراپا نور ٿي ويو،
"جو تون آئين تہ غم ڪافور ٿي ويو."

اڱڻ آئين تہ نور ئي نور ٿي ويو،
خوشيءَ ۾ مست هي رنجور ٿي ويو.

جهڪڻ تنهنجي اکيان منظور ٿي ويو،
جهان کي بس اهوئي سور ٿي ويو.

رُخ عاشق ڏسي محسور ٿي ويو،
وري خود ئي سڄڻ مستور ٿي ويو.

ڪري محنت مٿي مزدور ٿي ويو،
هو ڏن وارن جي لءِ ناسور ٿي ويو.

پيو جو حسن تنهنجي وارو پَرتَو،
تہ دل جو شيشو رشڪِ ور ٿي ويو.

عتابِ حُسن کان هي سوز دل جو،
حصار جسم ۾ محصور ٿي ويو.

غم دوري سهي ڪلبو ئي رهبو،
سندءِ بسمل جو هي دستور ٿي ويو.



رهان هر وقت تو دلبر جي ڏُن ۾،
جهان سمجهيو تہ هي مغرور ٿي ويو.

جڏهن جاني پري ٿي ويو تڏهن کان،
زمانو سارو ئي ديجور ٿي ويو.

جو چوندو هو محبت کي عبادت،
اهوئي پيار کان مفرور ٿي ويو.

ڪبي اُلفت آهن درجا دلين تي،
پو چاهي جسم جيڪر جهور ٿي ويو.

خُدا يا پيار ۾ هيڏي سزا چو،
ڪندي طاعت آهيان مهجور ٿي ويو.

پري کان ئي مگر ٿي چار گهڙيون،
ڏٺين مرکي تہ من مشڪور ٿي ويو.

اڪيلو رسم هر ٽوڙي سگهان ٿو،
هي عاشق ڪونہ اچ مجبور ٿي ويو.

جڏهن **'عاطف'** کي سيني سان لڳائيي،
قسم تنهنجو تہ هر غم دور ٿي ويو.

**هالا**
**٢٣-٩-١٤٠١ھ**
**٢٦-٧-١٩٨١**

*

هر طرف تو سوا رڳو غم آهہ،
ڪنهن خوشيءَ سان نہ منهنجو ڪو ڪم آهہ.

ياد توکي ڪري ٿي دل ڦٿڪي،
دلربا پو بہ اک نہ ٿي نم آهہ.

عيد تو کان سواءِ ڇا ٿيندي،
منهنجي لءِ هيَ خوشي بہ ماتم آهہ.

ڇا ڪريان تو سوا نہ جيَ سگهندس،
هر مسرت بہ هاڻ بيدم آهہ.

گهاءُ دل کي آ تو لڳايو جو،
تنهنجو ئي پيار ان جو مرهم آهہ.

قرب **’عاطف‘** تي ڪر ڪو اي گُل رخ،
تنهنجي چاهت سان منهنجو هر دم آهہ.

**هالا**
**١-١٠-١٤٠١ھ**
**٢-٨-١٩٨١**



*

لبِر الڳ نہ ٿي تون مون سان نظر ملاءِ،
تو بن ڀلا جيان ڪيئن تون ئي اهو ٻڌاءِ.

آبِ دهن پياري مدهوش تو ڪيو،
شرمائي پو وري ير منهنڙو نہ تون لڪاءِ.

دنيا جو فڪر ناهي جو تون آهين سندم،
جهيڙو ڪندس جهان سان تو پيار پيو نڀاءِ.

ڪُل ڪائنات ۾ تون پيارو مون کي آهين،
منهنجو سڄڻ آهين تون منهنجوئي پيو چواءِ.

آئون آهيان سراپا ساجن رڳو سندءِ،
حاضر آهيان هميشہ جنهن پل بہ تون گهُراءِ.

**’عاطف‘** جي دل ۾ آهي حسرت وصال جي،
مَتجي وڃن سيئي ڏُک دلبر گلي لڳاءِ.

**هالا**
**١-١٠-١٤٠١ھ**
**٢-٨-١٩٨١**

*

سڄڻ کي چيو مون محبت محبت،
چيو دنيا وارن حماقت حماقت.

چيومانس ويجهو تون اچ، پر نہ آيو،
چيم سِر ڪري خم مروت مروت.

لڳائي گلي سان ڪيومانس قابو،
چيئين لب هٽائي قناعت قناعت.

لبن تي رکيم لب، چَيو هُن هي چاهي،
چيومانس سهڻا سعادت سعادت.

چيو هُن اي جاني رکو فاصلو ڪجهہ،
وفا جي تقاضا شرافت شرافت.

جڏهن هن لبن تان هٽايو لبن کي،
مون بيوس ٿي رڙ ڪئي شڪايت شڪايت.

چيومانس ٻانهُن ۾ ٻانهون رهڻ ڏي،
ملي دل سان دل کي مسرت، مسرت.

تون ڪجهہ دير چاتيءَ سان سينو ملڻ ڏي،
چيئين مسڪرائي اجازت اجازت.



ڏئين مسڪرائي پُڇيم جان چاهي،
چمي ڏئي چيائين مودت مودت.

سڄي رات گذري ڪيون سين ڪچهريون،
سحر جو چيو مون عنايت عنايت.

چيم جي زمانو ڪري ڌار ٽوڪان،
زبان مان هي نڪتس قيامت قيامت.

محبت ۾ '**عاطف**' زماني سان وڙهبو،
هي سوچي چيوسين بغاوت بغاوت.

**هالا**
**۱-۱۰-۱۴۰۱ھ**
**۲-۸-۱۹۸۱**

*

سندم دوستي تون سندم بندگي تون،
اي سهڻا سڄڻ منهنجي هرڪا خوشي تون.

سنڌءِ پيار مون کي ڪيو آهي شاعر،
چوان ٿو جهان کي سندم شاعري تون.

سچي هن جهان ۾ رکيو تنهنجو آهيان،
۽ منهنجو بہ دلبر آهين دائمي تون.

جهان منهنجو روشن سنڌءِ پيار سان آ،
سندم زندگيءَ جي رکيو روشني تون.

ڏسڻ ساڻ توکي ٿو بيخود ٿيان مان،
نہ ٿي دور مون کان اي جانب ملي تون.

تون ’**عاطف**‘ تي رحم وڪرم جي نظر ڪر،
جيان ڪيئن مان تو بن سندم زندگي تون.

هالا
٧-١٠-١٤٠١ھ
٨-٨-١٩٨١



*

اي صنم پيار جي ڪا ڪر تون نظر،
منهنجي ٻانهن ۾ ئي وڃي ٿي سحر.

ڪونہ هڪ ٻئي سوا رهي سگهبو،
زندگي پاڻ گڏجي ڪريون بسر.

تو کي هر هر هي عرض ٿو ڪريان،
منهنجي گهر کي اچي تون پنهنجو ڪر.

آڻي ٻانهن ۾ پو بہ دوري چو،
ايڏو مون تي نہ قهر ڪر دلبر.

نيٺ منزل بہ ملندي پاڻ کي ڳر،
ٻانهن ۾ ٻانهن ڏئي ڪجي ڪو سفر.

عشق تنهنجي ۾ گم رهان هر دم،
پيار کي تو صنم ڪيو برتر.

هو لڳائي گلي سنا بيوس ٿي،
آهہ ’**عاطف**‘ ڪا بااثر اچ پر.

هالا
١٦-١٠-١٤٠١ھ
١٧-٨-١٩٨١

❊

اي صنم تون ئي سندم تحرير ۾،
تو سوا ناهي ڪو ٻيو تقدير ۾.

تنهنجي ٻانهُن ۾ مسّرت جا مِلي،
”سا نہ لذّت آ شهد ۽ شير ۾.“

خواب ۾ توکي ڏسان ٿو دلربا،
روبرو تون ئي آهين تعبير ۾.

تو ڏي ايندي مونِ کي روڪي جا سگهي،
سا نہ طاقت آهہ ڪنهن زنجير ۾.

آهيون ٻئي معشوق عاشق اي مٺا،
محو هڪ ٻئي جي آهيون تصوير ۾.

صرف تنهنجي ڪاڻ زنده آهيان،
ورنہ منهنجو ڪنهنجي چا تحقير ۾.

عشق تنهنجي جو نشو قائم رهي،
عمر گذري ساري ان تاثير ۾.

تون ئي ’**عاطف**‘ جي آهين دل ۾ صنم،
تون سندم تدبير ۽ تقرير ۾.

**هالا**

**٢١-١٠-١٤٠١ھ**

**٢٢-٨-١٩٨١**



❊

سڄڻ رک تون يقين پنهنجا ڪيل واعدا نڀائيندس،
سڄي دنيا کي تو سامهون اي دلبر مان جهڪائيندس.

فقط تنهنجو هئس، آهيان، سدائين تنهنجو ئي رهندس،
سوا توکان سڄڻ سهڻا نہ ڪنهن سان اک ملائيندس.

خبر ڪهڙي زماني کي تہ منهنجي دل ۾ چا آهي،
اچا تائين نہ سمڌا هو مگر هاڻي ٻڌائيندس.

خدّا کان پوءِ تون آهين، نہ توکان وڌ جهان ۾ ڪو،
اي مهہ رخ نام تنهنجوئي سدائين مان پيو ڳائيندس.

هُئين منهنجو، آهين، رهندين سدائين تون ئي منهنجو ٿي،
نہ ڦرندين تون ڪڏهن مون کان نہ مان نظرون مٽائيندس.

زمانو آ مخالف پر هي وعدو آهہ ’**عاطف**‘ جو،
چڏي جڳ کي صنم توکي سندم دلهن بنائيندس.

**هالا**

**٦-١١-١٤٠١ھ**

**٦-٩-١٩٨١**

*

صنم تنهنجو اچڻ مشڪل،
سنڌ هتڙا چمڻ مشڪل.

پري توکان جيان پيو پر،
ٿيو هاڻي رهڻ مشڪل.

اٿم دل ۾ گھڻي ڳالهيون،
مگر آهي چوڻ مشڪل.

نميو تنهنجي اڳيان آهيان،
پين سامهون جهڪڻ مشڪل.

جدا توکان صنم پيارا،
مرڻ سولو جيئڻ مشڪل.

سوا توکان هي حالت آ،
ڪلڻ مشڪل رئڻ مشڪل.

اي '**عاطف**' هجر گل رخ جو،
ٿيو آهي سهڻ مشڪل.

**هالا**
**٦-١١-١٤٠١ھ**
**٦-٩-١٩٨١**



*

تون ماهتاب آهين تون گل گلاب آهين،
منهنجي نظر جو سهڻا تون انتخاب آهين.

توکي جڏهن ڏسان ٿو روشن جهان لڳي ٿو،
مون لءِ اي منهنجا مٺڙا تون آفتاب آهين.

ٿو سان ملائي نظرون خود کي ڇڏيم وساري،
تون ئي سراپا سهڻا مون لءِ شراب آهين.

هن ڪائنات ۾ ڪو تو جهڙو ڪونہ مليو،
آهي قسم خدا جو تون لاجواب آهين.

منهنجي جهان کي جانب سيراب تو ڪيو آ،
جنهن منهنجي پياس لاٿي سو تون ئي آب آهين.

اي گلبدن هي '**عاطف**' پوري يقين سان چئي ٿو،
دنيا جي هر حسين جو تون ئي جواب آهين.

**هالا**
**٦-١١-١٤٠١ھ**
**٦-٩-١٩٨١**

*

اي غيرت آهو ڪڻ ڪا نظر اڄ مون ڪي وري مخمور ڪجي،
پنهنجي پابوسيءَ جي لءِ ٻيهر مجبور ڪجي مجبور ڪجي.

اڄ سهڻا اکڙين سان پياري هڪ ٻئي کي پيو ڀرپور ڪجي،
سيني سان ملائي سيني کي ڏک درد سڀئي دور ڪجي.

ٿا دنيا وارا الفت کي چريائي چون ۽ ڏوهه چون،
گر چاهت آهي جرم ته پو اي يار هي جرم ضرور ڪجي.

دنيا ۾ دوا هر درد جي آ سڀ ڪنهن کي ڪوشش سان ملندي،
تنهن هوندي پڻ خاموش رهي زخمن کي چو ناسور ڪجي.

جي خود کي اهلِ وفا ٿا چون ۽ ڏوڪن تي ڏوڪن پيا ڪن،
تن کي هي عرض ڪريان ٿو مان اهڙو نه ڪڏهن دستور ڪجي.

هي اهلِ جهان کان پڇڻو ٿم جي سڀ ڪجهه پاڻ کي ٿا سمجهن،
هن ڪوڙي عزت جي خاطر چو ٻي جي دل رنجور ڪجي.

هت اهلِ دل تي جهان وارن جي قرب ڪيا سي ياد آهن،
انجام جي آهي ڄاڻ ته پو جذبن کي چو محصور ڪجي.

هي ٺيڪ آ دنيا جا ماڻهو سڀ ناهن اهلِ وفا ليڪن،
جي پيار جي نام تي جان ڏين ڪجهه اهڙا آهن، منظور ڪجي.



جو شيرين ۾ فرهاد ڪيو، جو ليليٰ ۾ مجنون به ڪيو،
جو نوري ڄام تماچي ڪيو، ڪو اهڙو حسين قصور ڪجي.

سج چنڊ ۾ تارن ۾ آهن تنهنجا ئي جلوا يار سڄڻ،
ڏئي ديد مٺا مهرخ منهنجا ٻيهر به ڀلا مشڪور ڪجي.

’**عاطف**‘ جي دل ۾ ڪنڊ آهي تنهنجي ئي اڳيان اي يار جهڪيو،
هو تنهنجو آهي ۽ رهندو هي راز صنم مشهور ڪجي.

**هالا**
**٢٠-١١-١٤٠١ھ**
**١٩٨١-٩-٢٠**

*

هزار دردِ سهي پو بہ تو سان پيار ڪندس،
اگر هي آهي خطا پو تہ بار بار ڪندس.

سعيد آيو جهان ۾ آ تنهنجي لاءِ فقط،
هي ڳالهہ ساري زماني آشڪار ڪندس.

ڀلي زمانو مخالف ٿي پروا ناهي مونکي،
هي واعدو آ سڄڻ توکي پنهنجي ڪنوار ڪندس.

اي يارِ عزم پڪو آ تہ پوءِ ڏپ ڇا جو،
تون وڃ وڏاءِ مان دنيا کي لالازار ڪندس.

اي جان منهنجي تون بيخوف ٿي ٻڌاءِ مون کي،
سنڌءِ قسم تو ڪٿان يار اعتبار ڪندس.

تُون جانِ جان آهين توکان سواءِ ڇا جِيون،
ڇڏي جهان کي صنم تنهنجو انتظار ڪندس.

جو تون جدا ٿي وڃين هي ڪڏهن خدا نہ ڪري،
اهو جي ٿيو تہ زماني کي اشڪبار ڪندس.

ستم جي ڪن ٿا، انهن کي اها اجازت آ،
مان پنهنجي صبر کي هرگز نہ داغدار ڪندس.

غمِ جهان ڪان ۽ چشمِ نم ڪان گهبرائي،
نہ پيرهن کي ڪڏهن آئون تار تار ڪندس.

اي رشڪ ناز جي '**عاطف**' کان تون جدا ٿي وڃين،
ٿي ساهہ بند هي دل ايڏي بيقرار ڪندس.

**هالا**
**٢٣-١١-١٤٠١ھ**
**٢٣-٩-١٩٨١**



*

هڪ اجنبي مليو ۽ سندم جانِ جان ٿي ويو،
مون جهڙي بيوفا تي اهو مهربان ٿي ويو.

پهرين تہ رشڪِ حسن خود ئي ميهمان ٿي ويو،
مون تي نر پيس تہ وري ميزبان ٿي ويو.

دلبر جي جلوي ساڻ هي روشن جهان ٿي ويو،
"محبوب مون وٽ آيو صحن گلستان ٿي ويو."

رستو وٺي جو آيو اهو ڪهڪشان ٿي ويو،
ڌرتي تي ڌرتي حيران، سڄو آسمان ٿي ويو.

هو رشڪِ ماهہ رشڪِ چمن مون وٽ آئيو،
محبوب کي ڏسڻ سان ئي من شادمان ٿي ويو.

هو رشڪِ گل گلاب جڏهن آيو منهنجي گهر،
ويران آشيان هو مگر بوستان ٿي ويو.

گلزار ۾ هلياسين جڏهن يار گڏ ٻئي،
توکي ڏسي سمورو چمن گلفشان ٿي ويو.

ٻيئي جهان ڇڏي مون صنم تنهنجو هٿ جهليو،
اهلِ جهان جي لاءِ هي سودو گران ٿي ويو.

'**عاطف**' هُو اڪيلو جهان ۾ تہ اوچتو،
جانِ وفا مليو ۽ سندم رازدان ٿي ويو.

**هالا**
**٢٦-١١-١٤٠١ھ**
**٢٤-٩-١٩٨١**

❊

جا نه دل سان ڪجي سا محبت غلط،
بي دليءَ سان ڪجي سا عبادت غلط.

رحم ڪنهن تي ڪري ان جو بدلو وٺڻ،
ٿا سخنور چون سا عنايت غلط.

جنهن مان ٻي ڪنهن کي نقصان پهچي گهڻو،
ايتري ڪرڻ آهي قناعت غلط.

ڪاڻ مطلب جي جيڪا هجي دوستي،
منهنجي نظرن ۾ آ سا مودت غلط.

جنهن مان بيزار ٿي ماڻهو باغي ٿئي،
ايتري ڪرڻ آهي ملامت غلط.

مهل ايندي ته سرڪش ٿبو اي صنم،
وقت کان اڳ ۾ '**عاطف**' بغاوت غلط.

**هالا**
**٢٦-١١-١٤٠١ھ**
**٢٦-٩-١٩٨١**



❊

صنم پيو سوچي ته هو ابتدا ڪري نه ڪري،
ڇمي ڇپن تي ڏيڻ جي خا ڪري نه ڪري.

ارادو آهي پڪو دلربا ڏي وڃڻ پيو،
وڃي ضرور مان رسندس وفا ڪري نه ڪري.

سندس ئي ساهون سمورا هي ڦٽ ڪبا ظاهر،
پر مرضي سهڻي سڄڻ جي دوا ڪري نه ڪري.

هي فيصلو آ پڪو يار سان وفا مان ڪندس،
پر آهه مرضي سندس هو وفا ڪري نه ڪري.

سوال منهنجو تي ويٺو هي دلربا سوچي،
جواب ۾ هو ڀلا مون سان ها ڪري نه ڪري.

اچي ٿو روبرو منهنجي ته دل ۾ سوچي ٿو،
سندس لبن سان سندم رخ صفا ڪري نه ڪري.

گلي سان هن جي لڳي مان ٿيو وڃان مدهوش،
رهي ٿو فڪر انهيءَ کي جدا ڪري نه ڪري.

دعا ڪئي آ سڄڻ گڏ جيون سدا '**عاطف**'،
نه ڄاڻ پروا اٿم ڪو دعا ڪري نه ڪري.

**هالا**
**٢٦-١١-١٤٠١ھ**
**٢٦-٩-١٩٨١**

❊

ڪبي سين سان وفا ڪو وفا ڪري نہ ڪري،
دعا بہ سڀ ڪي ڪبي ڪو دعا ڪري نہ ڪري.

اصول اهلِ جهان جوئي اصل ڪان آهي،
سزا غريب ڪي ملندي خا ڪري نہ ڪري.

ڪو باضمير ۽ مجبور انسان سوچي پيو،
خراب ڪم تي اهو ها يا لا ڪري نہ ڪري.

نصيحتون بہ ٻڌي ۽ وري جهان ڪي ڏسي،
جوان اڄوڪو ٿو سوچي حيا ڪري نہ ڪري.

اڄوڪي دور ۾ ماڻهن تي اعتبار ڏکيو،
خبر نہ ڪنهن ڪي آ ڪنهنجي دغا ڪري نہ ڪري.

ڪيم سين جي پلائيءَ جي ابتدا '**عاطف**'،
منجهانِ هاڻ ڪو پيو انتها ڪري نہ ڪري.

**هالا**
**٢٩-١١-١٤٠١ھ**
**٢٩-٩-١٩٨١**



❊

هن ساري ڪائنات ۾ آهين تون لاجواب،
تو سان ئي منهنجي زندگي اي رشڪِ ماهتاب.

تون آهين گڏ تہ هر گهڙي مون لءِ بهار آ،
تو ڪان سواءِ زندگي آ مستقل عذاب.

آبِ دهن پياريو جڏهن تو اي جانِ من،
چاتم تہ ان شراب جو آهي نہ ڪو جواب.

سچو آ پنهنجو عشق جهان ڪان نتا ڊڄون،
پڪ چاڻ منهنجا يار آهيون پيئي ڪامياب.

توکي ڏسان ٿو يار تہ وسريو وڃي جهان،
جانِ سعيد تون آهين تازو ٽڙيل گلاب.

تنهنجي اکين جي مئي اص صنم آهي بيمثال،
انهيءَ جو مٽ نہ آهي ڪو دنيا جو پيو شراب.

روزو، دعا، نماز تہ آهن چڱا مگر،
توکي ئي خوش رکڻ آهي سڀ ڪان وڏو ثواب.

اي جان پنهنجي يار سان ايڏو حجاب چو،
دنيا پلي سڙي پئي مل مون سان بي حجاب.

توکي ٻڌايان ڇا اي صنم پنهنجو حالِ دل،
تو سان تہ قرب منهنجو رهيو آهي بي حساب.

پنهنجو ملاپ ٿيندو مگر ٿورو انتظار،
تعبير اهڙي ٿيندي، آ جهڙو حسين خواب.

رشڪِ شباب اڄ تہ ڀلا اڄ کُلي ملون،
مون کان اي جانِ جانان ڪرين ڇو ٿو تون حجاب.

اي ماهرو سراپا قيامت لڳين ٿو تون،
تو تي اي سهڻا يار ڪري رشڪ ٿو شباب.

رسمون سڀئي ٽوڙيون سرڪش ٿيس اگر،
پروا نہ آهہ ڪنهن جي هجي شاهہ يا نواب.

'**عاطف**' جي عمر ساري صنم تنهنجي نالي ٿَي،
نس نس ۾ ويو سمائجي تنهنجي ڏهن جو آب.

**هالا**
**٨-١٢-١٤٠١ھ**
**٧-١٠-١٩٨١**



*

تنهنجي الفت ۾ اي ماهہ لقا، کلندوئي رهيس کلندوئي رهيس،
ڇا دل تي سٿم ڇاڙي ٿو خدا، کلندوئي رهيس کلندوئي رهيس.

دل توکي ڏنم جان توکي ڏنم، پنهنجي عمر سڄي تنهنجي نالي ڪيم،
تعظيم جا مون اڄ سجدا ڪيا، کلندوئي رهيس کلندوئي رهيس.

تون دور آهين بس غم آ اهو، ان ڏک منجهہ پيو دلدار هڃان،
تہ بہ اشڪ اکين مان ڪونہ ڪريا، کلندوئي رهيس کلندوئي رهيس.

هر وقت رهان ٿو پيارا صنم، تنهنجي ئي خيالن ۾ گم سم،
ڪري دنيا پنهنجي جڳ کان جدا، کلندوئي رهيس کلندوئي رهيس.

ماڻهن تہ هزارين طعنا هنيا، پنهنجي عشق جا ڪئين افسانا ٺهيا،
انهن کي ٻڌي اي جانِ وفا، کلندوئي رهيس کلندوئي رهيس.

'**عاطف**' جي سر ڄ سائين تون، دنيا، دولت پڻ آهين تون،
تنهنجو پيار ڪري حاصل مٺڙا، کلندوئي رهيس کلندوئي رهيس.

**هالا**
**١٥-١٢-١٤٠١ھ**
**١٤-١٠-١٩٨١**

*

جو بند وڳي ۾ وجهي موڪليو هو تو مون کي،
اي جان منهنجو اهو گل گلاب ياد آهي.
جو منهنجي ماٿ تي مرڪي ڏنو هئي مون کي،
اي رشڪِ مهوشان پيارو خطاب ياد آهي.

مون هر گهڙي تنهنجي يادن ۾ تڙپي ڪاٽي هئي،
۽ توکان دور اچان پڻ مريو مريو پيو جيان،
جو تنهنجي هجر ۾ آزار مون تان گذريو هو،
اي گلبدن اهو سارو عذاب ياد آهي.

تون منهنجي سيج تي موجود هئين اي پيارا صنم،
۽ مان تنهنجي ئي ٻر ۾ هئس اي جانِ چمن،
وري ڪلي مون لڳايو هو توکي پنهنجي گلي،
اي ماهرو مون کي پنهنجو هو خواب ياد آهي.

جهان جي عيش ۽ عشرت ۾ گم هئس آئون،
تہ تو ئي مون کي صنم زندگي هئي بخشي،
مون کي اکين مان پياري سنواريو هو تو،
اي جانِ جانان هو جامِ شراب ياد آهي.

مان ڪجهہ بہ ڪونہ هئس، تو اجاريو مون کي،
۽ پنهنجي جامِ دهن سان تو هوش ۾ آندم،
۽ هاڻ جو بہ آهيان اي صنم سو تنهنجي ڪري،
مون کي هو پيار، عنايت ۽ آب ياد آهي.



سندم سوالِ جنم تي تو مسڪرايو هو،
وري گلي سان چيو هئي '**عاطف**'.
ٻو پنهنجو ڪنڌ منهنجي سيني تي هو ڏنو،
اي مهلقا مون کي تنهنجو جواب ياد آهي.

**هالا**

**١٦-١٢-١٤٠١ھ**

**١٥-١٠-١٩٨١**

*

مون تہ سجده گاه آهي تنهنجو سنگِ در ڪيو،
تنهنجي ٻهرين ئي نظر منهنجي آ دل ۾ گهر ڪيو.

هو جهان وارن مون کي انسان مان پٿر ڪيو،
”اڄ نگاهِ ناز دل ۾ هڪ بپا محشر ڪيو.“

وقت شاهد آهي ويو مِٽجي اهو مغرور شخص،
جنهن بہ پنهنجي دولت و طاقت تي آ باور ڪيو.

ليليٰ ۽ مجنون سان جيڪي ٿيو هئو اي دلربا،
تنهنجي منهنجي پيار آهي پيش سو منظر ڪيو.

تنهنجي اُلفت کان اڳي مان راهہ جو پٿر هئس،
تنهنجي نظرن ئي مون کي آهي صنم بهتر ڪيو.

مون تي آهي ڪفر جو اي جانِ جان الزام پيو،
هڪ خدّا کان بعد توکي ئي اٿم داور ڪيو.

تون ڪري سينگار آئين دلربا منهنجي اڳيان،
تنهنجي جلوءِ حسن تي اڄ رشڪ آ خاور ڪيو.

پيار کان ٻهرين عياشيءَ ۾ هئس گم دوستو،
ماهروءَ جي چاهہ ئي مون کي وري اطهر ڪيو.



رشڪ تو تي ٿو ڪري سارو جهان اي ناز ور،
ڪونہ مولىٰ آهي پيدا ڪيو سندءِ همسر ڪيو.

اڳ تہ ڪنهن محفل ۾ منهنجي ڪانہ ڪنهن کي ڄاڻ هئي،
دلربا جي پيار ئي دنيا اندر اظهر ڪيو.

تنهنجي هڪ نظر ڪرم سان دل ڪيو حاصل سڪون،
حيران آهيان شاعرن نظرن کي ڪيئن نشتر ڪيو.

تو ڪَئي مون ساڻ مِهَر، آئين مٺا منهنجي اڱڻ،
تو گلي لائي ڪَرم مون تي ڪرم گستر ڪيو.

تنهنجي زلفن مان وٺڻ چاهيم ٿي خوشبو دلربا،
پنهنجي ٻانهن ۾ ڇڪي مون کي اٿئي عنبر ڪيو.

مون کي نظر ساڻ اي رشڪاِ وفا ’**عاطف**‘ ڪيئي،
۽ وري آبِ دهن پياري اٿئي گوهر ڪيو.

هالا
٨-١٢-١٤٠١ھ
١٧-١٠-١٩٨١

*

تون ئي آهين جانِ جان ۽ تون ئي ايمانِ سعيد،
تون ئي آهين مهربان ۽ تون ئي مهمانِ سعيد.

تو سوا اي جان جان مان ڪيئن ڀلا زنده رهان،
جسم آئون آهيان ۽ آهين تون جانِ سعيد.

اڄ آهيان جو ڪجهه بہ مان سهڻا صنم تنهنجي ڪري،
تو سنواريو آهي مون کي تون ئي بستانِ سعيد.

اي صنم تو بن سندم ڪا حيثيت ڪهڙي ڀلا،
جانِ من مان ڪجهه بہ ناهيان تون شانِ سعيد.

تو سوا هر پل خزان آهي سڄڻ منهنجي اڱڻ،
آهين تون جانِ بهار ۽ تون گلستانِ سعيد.

آهين تون '**عاطف**' تہ پو چالءِ پري مون کان رهين،
تو سوا مان ڪيئن جيان تون ئي تہ سامانِ سعيد.

**هالا**
**٢١-١٢-١٤٠١ھ**
**٢٠-١٠-١٩٨١**



*

اگر تون نہ هوندين نظارا نہ هوندا،
"هي راتيون نہ هونديون، هي تارا نہ هوندا."

صنم سهڻا تنهنجو سهارو ڪپي ٿو،
نہ پروا اٿم ٻيا سهارا نہ هوندا.

اسان جي محبت سمنڊ ئي سمنڊ آ،
ڀلي آزمايو ڪنارا نہ هوندا.

اي سهڻا سڄڻ تون سراپا قيامت،
هتي تو کان وڌ ماهپارا نہ هوندا.

ڪريان پيار توکي اهوئي سندم ڪم،
مون کي ڇا اگر هي ستارا نہ هوندا.

عجب عشق جي باهہ آهي اي دلبر،
انهيءَ جي برابر شرارا نہ هوندا.

رهي عمر زلفن جي سائي ۾ ساري،
مري مان وڃان گر هي پيارا نہ هوندا.

سڄڻ زلف پنهنجا نہ مون تان هٽائج،
جيان ڪيئن جي هي وار ڪارا نہ هوندا.

ملي جي وڃين مون کي اي جان '**عاطف**'،
تہ پو زندگيءَ ۾ خسارا نہ هوندا.

**هالا**
**٢٢-١٢-١٤٠١ھ**
**٢١-١٠-١٩٨١**

*

تنهنجون پياريون اکيون سونهن واريون اکيون،
مون کي ديوانو آهن ڪري سي ويون.

تنهنجي اکڙين ئي مون کي ڪيو قيد آ،
مون کان منهنجون کسي طاقتون ورتيون.

تن اکن ئي تہ مون کي ڏني زندگي،
مان ڀلا ڪيئن انهن کي چوان ڪاتيون.

تو نگاهون کڻي مون کي مرغوب ڪئو،
چاهہ مان مون آهن سي نگاهون چميون.

ڪرڻ نگاهِ ڪرم مون ڏي اي جانِ من،
مان پيان تن مان، ڪيئن ٿم دعائون گهريون.

پنهنجي نظرن سان پياري ڪڍيُئي هوش مان،
يار '**عاطف**' ٿي، پو چو ڪيئِي دوريون.

**هالا**
**۲۲-۱۲-۱۴۰۱هہ**
**۱۹۸۱-۱۰-۲۱**



*

هن مهہ جبين جي آهي مٺي گفتگو غضب،
چا چئجي وصل واري سندم آرزو غضب.

دنيا اندر هزار حسين مون ڏٺا مگر،
ڪل ڪائنات ۾ تہ رڳو آهي هو غضب.

جلون سندن ئي مون کي ڪڍيو آهي هوش مان،
دلبر سراپا مون کي لڳو خوبرو غضب.

جانب سنورجي آيو جڏهن منهنجي روبرو،
محسوس ٿيو تہ آهي سندم روبرو غضب.

جنهن وقت آرسيءَ جي اڳيان جانِ من هئو،
ان وقت ان ئي جاءِ تي هو دوبدو غضب.

منهنجي اڳيان اچي وري مون کي کلي ڏئين،
ڏسندو رهيس ۾ مون کي لڳو هوبهو غضب.

ان وقت مون تي ڪهڙي قيامت هُئي چا چوان،
ٻانهن ۾ منهنجي پيار مان هو ماهرو غضب.

هن جي ۾ منهنجي عشق جا افسانا ڪيئن ٿيا،
الفت جون ڳالهيون پکڙيون ٿيو ڪوبہ ڪو غضب.

زلفن کي هن جڏهن بہ هوا ۾ پکيڙيو،
خوشبو پکڙجي ويئي هئو سو بہ سو غضب.

'**عاطف**' جو هن سان آهي نپائڻ جو واعدو،
پارڻ جي لاءِ خوب ڪبي جستجو غضب.

**هالا**
**۲۳-۱۲-۱۴۰۱هہ**
**۱۹۸۱-۱۰-۲۲**

*

هئس طالب مان جنهنجو سو ڏٺم مطلوب محمل ۾،
اڇي سهڻو سمايو منهنجي هن دردن ڀري دل ۾.

ڪيا پي پنهنجي پنهنجي حسن تي مڙني نوان نخرا،
”سڀئي حيران ٿيا، جڏهن محبوب محفل ۾.“

آهان طالب مان تنهنجو جانِ من تون ئي سندم منصف،
اڄوڪي دور ۾ انصاف ناهي ڪنهن بہ عادل ۾.

يقين تو ۾ اٿم تون ئي تہ منهنجو ناخدا جاني،
بسر ٿئي عُمر ڪشتيءَ ۾ ڀلا منهنجو ڇا ساحل ۾.

سَندم سِرُ تنهنجي ئي قدمن ۾ جُهڪيو آهي اي دلبر،
اهائي منهنجي آ منزل پَوان ڇو ڪنهن بہ مشڪل ۾.

سندم اُلفت، مسرت ۽ عبادت تون آهين جانب،
تون ئي ’**عاطف**‘ جي جان آهين ڪيم اقرار مقتل ۾.

**هالا**
**٢٣-١٢-١٤٠١ھ**
**٢٢-١٠-١٩٨١**



*

جهان وارا ڇون ٿا ڇا اسان کي سڀ خبر آهي،
اسان جي پيار جو شاهد خدّا سائين مگر آهي.

جهان چاهيو جهڪائڻ پر انهيءَ کي هي ٻڌايوسين،
”اسان جو سر جهڪي ٿو ات جتي دلبر جو در آهي.“

اڄوڪي دور ۾ سرڪش ٿيڻ آهي ڏکيو ليڪن،
ڪئي آهي بغاوت مون اهو پنهنجو جگر آهي.

سڄڻ جي دل اندر آهي سمايل منهنجي ئي مورت،
۽ منهنجي دل بہ هن جانِ حيا سهڻي جو گهر آهي.

آهيان جو ڪجهہ بہ مان اڄ سو ڪيو تنهنجي محبت آ،
اي منهنجا ماهرو مون تي رهي تنهنجي نظر آهي.

لبن تي لب ۽ ٻانهن ۾ رهڻ ڏي تون سڄڻ ٻانهون،
اڃان ٿي رات آ هاڻي، ڀري ڪافي سحر آهي.

ڀلي ظالم جهان وارا اسان جي آزمائش ڪن،
اهي ناڪام ٿيندا جو، اها چاهت اگر آهي.

سڄڻ سهڻا نہ تون گهبرائجان هن راهِ الفت ۾،
گهڻئي ڏک ٿا پون سهڻا، اهو اهڙو سفر آهي.

ڪري اُلفت ڀري گهارڻ انهيءَ کان وڌ قيامت ڇا،
ڇوي ٿو ڪير ان کان وڌ پيو ٿيندو ڏمر آهي.

سڄڻ ’**عاطف**‘ جو تون آهين پو دنيا کان ڊڄان ڇا لءِ،
مٺا محبوب توتي مون تي اُلفت جو اثر آهي.

**هالا**
**٢٣-١٢-١٤٠١ھ**

❊

توکي پنهنجي مون آرزو سمجهيو،
توکي ٿم يار سو بہ سو سمجهيو.

مرڪ تنهنجي لبن جي يار ڏسي،
”خامشي کي بہ گفتگو سمجهيو.“

مون اکيون بند ڪري تصّور ۾،
توکي مون کي آ دوبدو سمجهيو.

مون اڪيلي ۾ دلربا اڪثر،
توکي پنهنجي آ روبرو سمجهيو.

آئيني ۾ جڏهن بہ پاڻ ڏٺم،
خود کي، تون ئي مون هوبهو سمجهيو.

مون سنڌءِ زندگيءَ کي آهي صنم،
تنهنجي لءِ يار جستجو سمجهيو.

پنهنجي چاهت جون ڳالهيون ’**عاطف**‘،
ماڻهو ماڻهو آ ڪوبہ ڪو سمجهيو.

**هالا**
**٢٤-١٢-١٤٠١ھ**
**٢٣-١٠-١٩٨١**



❊

چوڻ سولو ڪرڻ مشڪل،
مرڻ سولو جيئڻ مشڪل.

ادا تنقيد اڇڪلهہ آ،
ڪرڻ آسان ٻڌڻ مشڪل.

زمانو ڪوڙ جو آهي،
ٿيو سچ آ چوڻ مشڪل.

چون سپ ٿا مگر آهي،
سچي پاران وڙهڻ مشڪل.

خدا تنهنجي خدائيءَ ۾،
غريبن جو جيئڻ مشڪل.

اڄوڪي وقت ۾ آهي،
بغاوت ۾ ڪسڻ مشڪل.

وڙهڻ جي لءِ جگر گهرجي،
۾ باغي آ ٿيڻ مشڪل.

فلمن ٿي ويءَ جي لءِ ڊوڙون،
عبادت لءِ اٿڻ مشڪل.

مسلمان لءِ ٿيو آهي،
خدا سامهون جهڪڻ مشڪل.

پڇائي ڪنهن کي ساحل تي،
اي ’**عاطف**‘ خود ٻڏڻ مشڪل.

**هالا**
**٢٤-١٢-١٤٠١ھ**
**٢٣-١٠-١٩٨١**

*

خدا بدنظر کان بچائي اوهان کي،
۽ جلدي اسان سان ملائي اوهان کي.

اي گل رخ سندءِ رخ چمڻ چاهيان ٿو،
اچو پيار ڏيان مان ڪلائي اوهان کي.

اوهان جي جدائيءَ ۾ چا مون تي گذريو،
ٻڌايان سندم غم گهرائي اوهان کي.

سچڻ هاڻ دوريون سهي ڪونہ سگهندس،
حقيقت چوان سر جهڪائي اوهان کي.

اوهان کان سوا زندگي ٿي اجائي،
هي عاشق ٿيلا چا ٻڌائي اوهان کي.

اوهان ئي اندر ۾ وڏو مچ مچايو،
سڪون ماڻيان سيني لڳائي اوهان کي.

اي جانب جواني وڃي گذرندي پئي،
اچو پيار ڪريان لڪائي اوهان کي.

لبن تي، اکين تي، ڳلن تي رکي چپ،
ڪلائي ڪلايان ستائي اوهان کي.



اوهان کي ڪيم پاڻ وٽ قيد جاني،
اوهان جي ئي دل کان چوائي اوهان کي.

آهيو منهنجي ٻانهن ۾ قابو اي جانان،
نہ آ ڪنهن ۾ طاقت ڇڏائي اوهان کي.

سراپا وفا آهيو يار دلبر،
چو '**عاطف**' ٿيلا آزمائي اوهان کي.

**هالا**

**۲۴-۱۲-۱۴۰۱ھ**

**۲۳-۱۰-۱۹۸۱**

*

تون هجين اي دلربا گلزار ويرانا هجن،
مَحو مستيءَ ۾ مٺا مون جهڙا مستانا هجن.

مي هجي، ماتم هجي، پياسا ۽ پيمانا هجن،
”اچ وري ميڪش هجن ساقي ۽ ميخانا هجن.“

ڪوششون آهن ته عاشق کي ڪريون مجبور پر،
هيئن ته ڪڏهين ڪونه ٿيو پابند پروانا هجن.

هي خدا جوئي ٿيل قانون آهي جانِ من،
دل ڏئي دلدار کي دردن ۾ ديوانا هجن.

عشق وارن جو رهيو آهي اصل کان هي اصول،
بس ڪپي دلدار، ڏن، دنيا کان بيگانا هجن.

هي ڪٿي آ بيوقوفي ۽ ڪٿي آ سادگي،
خالي کيسي تي اي '**عاطف**' شوق شاهانه هجن.

**هالا**
**٢٥-١٢-١٤٠١ھ**
**٢٤-١٠-١٩٨١**



*

تو سان وابسته زندگي منهنجي،
تو سوا سونهن عارضي منهنجي.
تنهنجو هر غم صنم آ منهنجو غم،
تنهنجي خوشين سان آ خوشي منهنجي.
ڪو مخالف هجي ته منهنجو ڇا،
ناهي ڪنهن سان به دشمني منهنجي.
هن سڄي ڪائنات ۾ جاني،
صرف تو ساڻ عاشقي منهنجي.
پل جهان وارا آزمائي ڏسن،
تو سان اُلفت آ دائمي منهنجي.
آئون ڄاڻان تو دلربا اڪثر،
مون کي ماري ٿي خامشي منهنجي.
تنهنجو غم آهي ٻيا سڀئي غم ويا،
آهي ديوانگي سڄي منهنجي.
توکي سامهون ڏسي گلي لاتم،
مون کي ڪم آئي بيخودي منهنجي.
تون ئي سينگار دائمي منهنجو،
ديد تنهنجي ٿي بندگي منهنجي.
آئون '**عاطف**' ٿيس به تنهنجي ڪري،
آهي تو ساڻ شاعري منهنجي.

**هالا**
**٢٥-١٢-١٤٠١ھ**
**٢٤-١٠-١٩٨١**

*

سچن ئي سندم شان ۾ مان آهي،
سراپا هو غزلن جو ديوان آهي.

محافظ محبت جو قرآن آهي،
”محبت جو موليٰ نگهبان آهي.“

مان هن جي دل و جان ۾ آهيان سمايل،
۾ هو پڻ سندم دل جو مهمان آهي.

سندم دل گهريو يار موليٰ ڏنو آ،
اهو سڀ ڪان وڌ مون تي احسان آهي.

سندم زندگي تنهنجي قدمن ۾ گذري،
انهيءَ کان نہ وڌ ڪوبہ ارمان آهي.

سندءِ پيار، شوخي، مروت، صداقت،
سندم زندگيءَ جو هي سامان آهي.

هي پيري، اميري ۾ دولت، محل چا،
سندءِ نام تان جان بہ قربان آهي.

جدا تو ڪان زنده رهڻ ناهي ممڪن،
مرڻ تنهنجي قدمن ۾ آسان آهي.

ٻين کي ڏئي ڏک رکي پاڻ کي خوش،
اسان جي نظر ۾ سو حيوان آهي.

سندم شان ۾ مان جند جان تون ئي،
هي ’**عاطف**‘ محبت جو سلطان آهي.

**ڳوٺ پير خدا ڏنو، تعلقہ سجاول، ضلعو ٺٽو**
**۲۲-۱-۱۴۰۲ھ**
**۱۹-۱۱-۱۹۸۱**



*

عاشقن محبوب کي آندو ستارن جي قريب،
پر خدا تن کي نہ آندو آهي يارن جي قريب.

هيئن بہ اڪثر آهي ٿيو دنيا اندر اي جانِ من،
غم غمن پٺيان اچن ٿا، عشق وارن جي قريب.

ڪونہ تو جهڙو ڪو آهي جڳ اندر اي رشڪِ ماھ،
مون وٽي آهي ڏٺو هي ماهپارن جي قريب.

تہ ملئين ڪل زندگيءَ جو پيار آ مون کي مليو،
منهنجو تون، پو چو وڃان مان گل غدارن جي قريب.

هيئن بہ ٿيندو آهي، ڪڏهين ٻانهون ٻانهُن ۾ آهن،
۾ وري قسمت ڪڏهن آندو اشارن جي قريب.

عمر گذري ويندي هي سوچيندي رڳو،
”ڪنهن بهاني ساڻ ويهجي قربدارن جي قريب.“

ٿو ٻَري رَهڻو پَوي مَجبور ٿي ڪَنهن ڳالهہ کان،
ڪير ٿو چاهي، نَہ رهجي پَنهنجي پِيارن جي قريب.

تُنهنجي هَٽڙن جو اهو پڻ آ ڪمال اي جان جان،
لَب سَندم بيهي رَهيا تُنهنجي عَذارن جي قريب.

جي سَهاري ڪُوڙ جي پنهنجي گذاري زندگي،
ڪِيئن اُهي بُزدل پَلا ايندا سَچارن جي قريب.

اصل کان ئي ئي عاشقن جو هي رهيو دستور آهه،
هو رهيا دلدار جا رهندي هزارن جي قريب.

هي به ٿيو آهي ته ڪشتي وَئي بَچي گِرداب مان،
پو اچي آهي ٻڏي اڪثر ڪنارن جي قريب.

جن کان قسمت زندگيءَ جو آسرو آهي ڦريو،
آهه و زاري ٻڌ وڃي تن سو گوارن جي قريب.

عشق جي آڙاهه جهڙي ٻي نه ڪا آهي تپش،
مون وڃي محسوس ڪيو آهي شرارن جي قريب.

جي بظاهر ٿا نظر خوش باش دنيا کي اچن،
چو رئن ٿا پڇ وڃي تن بيقرارن جي قريب.

ڪونه آهي ڪوبه خوش دنيا اندر زنده رهي،
مون ٺو آهي وڃي هي رازدارن جي قريب.

ڏُک پَلا ڪهڙو اي، '**عاطف**' هيءُ به آ رسمِ جهان،
ڪونه آ همدرد ويو ڪو ٻي سهارن جي قريب.

**هالا**
**٢٩-١-١٤٠٢ھ**
**٢٧-١١-١٩٨١**



*

سڄڻ تو بن اداس آهيان تون دردن جي دوا ٿي اچ،
سڪون ٿي قلب کي حاصل تون اهڙي ڪا صبا ٿي اچ.

جي تون ناهين صنم پيارا ته پو هر سو رڳو غم آ،
وڃن مٽجي سيئي ڏک، درد تون اهڙي دعا ٿي اچ.

بغاوت جي اٿم طاقت، مگر ڪجهه صبر باقي آ،
ڏئو ويندو جهان کي، تون سندم دل جي صدا ٿي اچ.

وفا جي دشمنن سان واسطو توڙي آهيان بيٺو،
اي منهنجي جان جا مالڪ تون دنيا کان جدا ٿي اچ.

سوا تنهنجي اي جانِ جان سندم ڪا حيثيت ناهي،
هلان جنهن جي سهاري تي مٿا اهڙي عصا ٿي اچ.

اڪيلائيءَ ۾ اي دلبر تو گهٽجي دم سندم اڪثر،
جيان بي خوف ٿي آئون صنم تازي هوا ٿي اچ.

سَڄڻ منهنجو تَه هرهڪ ساهه تو سان آهي وابسته،
تُون توڙي رسم هرڪا مهربان مُنهنجو صَفا ٿي اچ.

محبت آهي ڇا؟ گڏجي اهو دنيا کي سَمجهايون،
سراپا مان وفا ٿيان، يار تون جانِ وفا ٿي اچ.

گهٽيئي وقت کان ارمان دل ۾ هي رَهيو آهي،
تُون منهنجي سيج تي جلدي اي جان جانِ حيا ٿي اچ.

محبت ۾ يقين آهي تہ پوِ دوريون ڀلا ڇا لءِ،
ڪَندس مان اِنتها دلبر مگر تُون ابتدا ٿي اچ.

سَچي پَنهنجي مُحبت آ سَچي دنيا تي ثابت ڪَر،
جهان حيران ٿئي سارو وَفا جي اِنتها ٿي اچ.

خدّا شاهد سندم آهي تون ئي منهنجو آهين مَطلوب،
اي مِٺڙا پنهنجي طالب ڏي تو موليٰ جي رضا ٿي اچ.

ڪري توکان جدا مون کي اها طاقت نہ آ ڪنهن ۾،
سعيد آهي فقط تنهنجو، تون منهنجي مدعا ٿي اچ.

بظاهر خوش لڳان ٿو مان مگر دل جي خبر مون کي،
سزا ڪاٽيم گھڻئي جاني مگر هاڻي جزا ٿي اچ.

هي ڪشتي پيار جي دلبر ٻڏڻ کان تون بچائيندين،
اڪيلو آئون ڪجهہ ناهيان تون منهنجو ناخدا ٿي اچ.

ملڻ تي آهي پابندي تہ پوِ هيئن ئي سهي دلبر،
جهڪائي سر ڏيان توکي تون ’**عاطف**‘ جو خدّا ٿي اچ.

نہ ڪر پروا زماني جي ٿيو جو ڪجهہ ڏٺو ويندو،
جهڪائي سر ٿو ’**عاطف**‘ تون مجازي اچ خدا ٿي اچ.

**هالا**

**۱-۲-۱۴۰۲ھ**

**۲۹-۱۱-۱۹۸۱**



*

ياد تنهنجي سندم عبادت آهہ،
منهنجو ايمان سندءِ محبت آهہ.

اڄ مان زندھ بہ آهيان تنهنجي ڪري،
تنهنجي مون تي وڏي عنايت آهہ.

مون عزيزن جي لاءِ جو بہ ڪيو،
سو ڪرشمو سندءِ قيادت آهہ.

هر سو تون ئي نظر اچين ٿو سڄڻ،
هيءَ بہ هڪ پيار جي ڪرامت آهہ.

تنهنجي خاطر مان جان بہ ڏيئي ڇڏيان،
منهنجي اُلفت جي هيءَ صداقت آهہ.

پيار، شوخي ۽ انتظار سندءِ،
زندگانيءَ جي هيءَ وضاحت آهہ.

آهي ڇا لءِ جهان مخالف ٿيو،
پنهنجي ڪنهن سان نہ ڪا عداوت آهہ.

هاڻ اَنجامِ پيار ڏِسنداسين،
پارَ دنيا سان ڪئي بغاوت آهہ.

تو سِوا مان جِيان، هي ناممڪن،
زندگيءَ لءِ سنڌءِ ضرورت آهہ.

جان هڪ آهيون پوبہ دور رهون،
هن ڪان وڌ ڪهڙي ٻي قيامت آهہ.

آهي ’**عاطف**‘ جي هر خوشي توسان،
تو سوا يار ڇا مسرت آهہ.

**هالا**
**١٦-٢-١٤٠٢ھ**
**١٤-١٢-١٩٨١**



❋

يار جي جلون جياريون عشق وارن جون اکيون،
ٿينديون آهن پياريون عشق وارن جون اکيون.

دل جو ڏولڙ يار تن ۾ پو بہ دردن ۾ رهي،
”هجر ۾ آهن اُجاريون عشق وارن جون اکيون.

هيءَ سزا آهي يا آهي عشق وارن جو نصيب،
ٿيون رهن اڪثر ڪنواريون عشق وارن جون اکيون.

پيار ڪان پهرين زماني جي خبر هُئي ڪانہ ڪا،
عشق ئي آهن اجاريون عشق وارن جون اکيون.

اهلِ دنيا پيار وارن کي ڪيو برباد پر،
يارن ئي آهن سنواريون عشق وارن جون اکيون.

دلربا هردم تصّور ۾ رهي ٿو پو بہ چو،
’**عاطف**‘ آهن بيقراريون عشق وارن جون اکيون.

**هالا**
**١٦-٢-١٤٠٢ھ**
**١٤-١٢-١٩٨١**

*

تنهنجي ٻانهن ۾ اچي آئون ٿيان ٿو مدهوش،
تن ئي ٻانهن ۾ تون رک مون کي سَدا اي خوش پوش.

تُون سَندم قلب ۾، توسان ئي آ دل جي ڌڙڪن،
گر جُدا ٿئين تہ پو ٿيندي اها ڌڙڪن خاموش.

يَر جُدائيءَ ۾ وڃي منهنجي اها ٿي حالت،
زندگيءَ مان ئي ويو گهٽجي سڀئي جوش و خروش.

ڪونہ آهي ڪو سڪون توکان سوا اي دلبر،
اچ اچي سار ڪا لَهہ يار جي نہ تہ ويندو هوش.

دلربا هاڻ تہ مِل هجر ۾ ڪئين سال ويا،
ڪنڌ هجي منهنجو سڄڻ ۾ هجي تنهنجو آغوش.

تُنهنجي '**عاطف**' کي مِٺا ياد آ ماضي سارو،
ڪيئن فراموش ڪندس يار سندءِ پيار جو جوش.

**هالا**
**١٦-٢-١٤٠٢ھ**
**١٤-١٢-١٩٨١**



*

ٻانهن ۾ تنهنجي پنهنجي ئي منزل ڪئي اٿئون،
آسان انهيءَ طرح سان هي مشڪل ڪئي اٿئون.

دل شاعريءَ ڏي يار جي مائل ڪئي اٿئون،
”مدت ڪان بعد اڄ وري محفل ڪئي اٿئون.

ظلم و ستم سهي بہ رهياسين ٿي چپ مگر،
فطرت ۾ هاڻ بيخودي شامل ڪئي اٿئون.

ظلم و ستم سهي بہ رهياسين ٿي چپ مگر،
فطرت ۾ هاڻ سرڪشي شامل ڪئي اٿئون.

جنت، جهان، دولتون هاٿي نٿيون ڪپن،
ڪافي محبت آهہ جا حاصل ڪئي اٿئون.

توسان اکيون مليون تہ پو بسمل ڪري ڇڏيئون،
تنهنجي نظر اي دلربا قاتل ڪئي اٿئون.

اهلِ جهان اسان سان حسد ڇا ڪان ٿا رکن،
مشڪل ڪنهنجي گس ۾ نہ حائل ڪئي اٿئون.

دنيا جي منصفن ڪان نہ انصاف ڪو مليو،
پو نيٺ پنهنجي دل ئي تہ عادل ڪئي اٿئون.

يارو ڀلي سزا ڏيو سرعام ٿو چوان،
محبوب ساڻ اُلفت ڪامل ڪئي اٿئون.

اکين ۾ جانِ من تون وئين اچ سمائجي،
پوري اکيون هي رمز بہ حاصل ڪئي اٿئون.

هر پل ۾ ذڪر و فڪر فقط تنهنجو اي صنم،
اهڙيءَ طرح هي رمز مڪمل ڪئي اٿئون.

تو کان سواءِ نہ زندھ ’**عاطف**‘ رهي سگهي،
شق هي وفا جي رسم ۾ داخل ڪئي اٿئون.

**ڪراچي**
**١٧-٢-١٤٠٢ھ**
**١٩٨١-١٢-١٥**



*

اي دلربا اچي سيڪار تون ئي پيار جو ڍنگ،
وري نئون ٿي چڙهي تنهنجي انتظار جو رنگ.

اچي تون پيار بہ ڪر ۽ پو بيقرار بہ ڪر،
ويا ٿي ورهہ وڄائيندي تنهنجي پيار جو چنگ.

خدّا جو سنهن اي سڄڻ تنهنجي ئي ڪري پيو جيان،
تون آزماءِ ڀلي منهنجي پيار جو نہ ڪو دنگ.

هي عشق اهي انهيءَ ۾ تہ ڦٿڪڻو ٿو پوي،
اها خبر تہ انهن کي لڳو آ جن کي ڏنگ.

جي تون وفا کان ڦرئين پوءِ ڪونہ جيئندس مان،
سنڌءِ پيار ۾ قابو آ منهنجو هر هڪ انگ.

خبر آ عشق سچي ۾ ملڻ ۾ بہ مشڪل تر،
مگر مري بہ ملون، جيئن ملي ٿو شمع و پتنگ.

اچين نٿو نہ سهي، مون کي ئي سڏي تون وٺ،
يقين ڪر تہ مان ايندس، ڪندو ڇا بر ۽ جهنگ.

قسم آ تنهنجو تہ رهندو سدا سنڌءِ ’**عاطف**‘،
وفا جي ڍال آ ڳڌ ڇا ڪندو ستم جو سنگ.

**ڪراچي**
**١٨-٢-١٤٠٢ھ**
**١٩٨١-١٢-١٦**

*

دلدار مٺا تون ضد کي ڇڏ،
اچ سيني ساڻ تون سينو ڳنڍ.

جنهن ديس ۾ پيار جا دشمن ٿيا،
ان جاءِ تان دلبر هڪدم لڏ.

اي مهرخ، مان تنهنجو آهيان،
ٿيندس حاضر جنهن مهل بہ سڏ.

اچ پيار ڪريون ديدار ڪريون،
دنيا وارن جي ڳالهہ کي ڇڏ.

جيئن مليون اکڙين سان اکڙيون،
تيئن منهنجي چپن کي چپن سان ڳنڍ.

جت يار هجي ۽ پيار هجي،
اي ’**عاطف**‘ اُت پنهنجو گهر اڏ.

**ڪراچي**
**۱۸-۲-۱۴۰۲ھ**
**۱۶-۱۲-۱۹۸۱**



*

اچ پير پري دلبر مون وٽ پنهنجي اُلفت جو ڪو پرم اچ رک،
ڪجهہ جامِ دهن مان پيار مون کي ڪجهہ پاڻ بہ آبِ دهن مان چک.

هڪ جان آهيون پو دوريون ڇو- ڇڏ رسمن کي اچ پيار ڪريون،
هرگز نہ جدا ٿينداسون پو هڪ پيرو پاءِ اچي تون ٻک.

هڪ ٻئي جا عاشق آهيون ٻئي، دنيادولت سان پنهنجو ڇا،
هڪ ٻئي کي ملون ڪافي آ اهو، اُلفت جي سامهون ڇا هي لک.

طالب مطلوب سان ڪم ٿو رکي، عاشق معشوق ۾ آس رکي،
ڇو هن دنيا جو فڪر ڪجي، هن پيار جو آهي اهڙو مَڪُ.

تنهنجي ياد ۾ هر وقت جيان، پنهنجي اکڙين سان پيو توکي چمان،
تنهنجي ٻانهن کان نہ مان دور ٿيان، آ پايون ٻئي اهڙو ڪو ٻک.

دلدار بہ تون جنسار بہ تون، آڌار بہ تون سنسار بہ تون،
’**عاطف**‘ جون آهين پيار بہ تون، پروا ڪهڙي ڇا لک ڇا ڪک.

**ڪراچي**
**۱۸-۲-۱۴۰۲ھ**
**۱۶-۱۲-۱۹۸۱**

*

حقيقتن جو ترانو وڄائي وٺنداسين،
چراغ ظلم و ستم جو اجهائي وٺنداسين.

جهڪياسين ڪونہ ڪڏهن ڪنهن بہ ظلم جي اڳيان،
جي ڪن ستم ٿا انهن کي جهڪائي وٺنداسين.

جنين هٿن سان ئي محسن کي دار تي چاڙهيو،
قسم خدا جو انهن کي رلائي وٺنداسين.

اسان عوام جي قائد جا پوئلڳ آهيون،
اسان جي ملڪ مان آمر هٽائي وٺنداسين.

اسين غلام رهون ڇو، کپي سون آزادي،
انهيءَ کي نيٺ حقيقت بنائي وٺنداسين.

وطن اسان جو پو ان ۾ اسير ڇو رهجي،
هي ڀٽو ازم اي '**عاطف**' ڄمائي وٺنداسين.

**ڪراچي**
**١٨-٢-١٤٠٢ھ**
**١٦-١٢-١٩٨١**



*

دل سندم آهي بيقرار اڄڪلهہ،
آهي تنهنجو ئي انتظار اڄڪلهہ.

عشق حد کان وڌي ويو آهي،
دل تي ناهي ڪو اختيار اڄڪلهہ.

آهن آثار هي بغاوت جا،
اک نہ آهي ڪا اشڪبار اڄڪلهہ.

آئون ڄاڻان ٿو توکي آهي ير،
مون سان بي انتها پيار اڄڪلهہ.

تنهنجي منهنجي پيار جون ڳالهيون،
آهن دنيا تي آشڪار اڄڪلهہ.

هڪ غمِ دنيا ٻي سنڌءِ دوري،
آهي دامن بہ تار تار اڄڪلهہ.

تنهنجي گس ڏي اي ماهرو منهنجا،
مان نهاريان ٿو بار بار اڄڪلهہ.

توکي آئون ٻڌايان غم پنهنجا،
تو سوا ناهي رازدار اڄڪلهہ.

تو سنڌءِ درد ڪجهہ ٻڌاءِ مون کي،
تنهجون آئون ئي غمگسار اڃڪلهہ.

مون کي تو کان سواءِ پيو کھڙو ڪم،
آهين تون ئي سندم قرار اڃڪلهہ.

تنهجي پاڻهن ۾ مان اڃي ٿو چوان،
آهي دنيا اندر بهار اڃڪلهہ.

اڄ تہ هڪ جسم ٿي جيون جاني،
دور مشڪل رهڻ آ يار اڃڪلهہ.

ڪجهہ سڪون وٽ ۾ ڪجهہ سڪون ڏي مون کي،
پنهنجو آهي هي ڪاروبار اڃڪلهہ.

پننجي **'عاطف'** تي مهر ڪر جاني،
دور مون کان نہ تون گذار اڃڪلهہ.

**ڪراچي**
**۱۸-۲-۱۴۰۲ھ**
**۱۶-۱۲-۱۹۸۱**



*

اگر جانِ جان جي عنايت نہ ٿئي ها،
تہ پو زندگي ۾ مسرّت نہ ٿئي ها.

مودّت بدلجي محبت بني آ،
جي نہ تہ يار منهنجي عبادت نہ ٿئي ها.

سعيد اڄ سعيدالزمان ڪيئن هجي ها،
جي تنهنجي محبت صداقت نہ ٿئي ها.

اگر هٿ وڌائي ڇڏي ڏين ها جاني،
پو زنده رهڻ جي ضرورت نہ ٿئي ها.

مجي ها اسان جي محبت کي دنيا،
تہ پو پيدا من ۾ بغاوت نہ ٿئي ها.

اڄوڪي جڳهہ تي هجي ها نہ **'عاطف'**،
اگر يار تو سان محبت نہ ٿئي ها.

**ڪراچي**
**۱۸-۲-۱۴۰۲ھ**
**۲۲-۱۲-۱۹۸۱**